# بي ترتيب نظمون



ستار رند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بي ترتيب نظمون

(شاعري)

## ستار رند

The Creators

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | بي ترتيب نظمون |
| ليکڪ | : | ستار رند |
| ڇپائي جو سال | : | 8 جولاءِ 2001 |
| ڇپائيندڙ | : | The Creat ors |
| | | پير ذاڪري درگاهه _1 سڪرنڊ ، |
| | | ضلع نوابشاهه |
| قيمت | : | 100 روپيه |
| ڪمپوزنگ | : | پيس ڪمپوزرس 4/ 5 رمپا پلازه |
| | | ايم جناح روڊ، ڪراچي. |
| ڇپيندڙ | : | پيس پبلشرس - 122 بمبئي هوٽل، |
| | | آءِ آءِ چندريگر روڊ، ڪراچي |
| | | فون: 2633491 |

# ارپنا

## شهيد نواز خشڪ

(جنهن جي شهادت تي مون هڪ نظم
۾ لکيو هو: مون کي هارائڻ ڄي ڪوشش ۾
خدا به زماني جو ٻانهن ٻيلي آهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| .1 | اداري پاران | 9 |
| .2 | بند دروازي تي دستڪ | 11 |
| .3 | دوار دل جا نہ پوٽيا | 15 |
| .4 | درد جو ايذاء | 16 |
| .5 | مان سڀڪو ميزبان ناهيان | 17 |
| .6 | دل جي ايمرجنسي وارڊ مان | 18 |
| .7 | فريب جي اننت جو سفر | 21 |
| .8 | ضمانت | 22 |
| .9 | شرم ٿو اچي | 23 |
| .10 | حوا جي ڌي | 24 |
| .11 | مان گمنام آهيان | 25 |
| .12 | مسافر | 26 |
| .13 | لاتعلقي ڪان لا تعلقي | 28 |
| .14 | تنهنجي خاطر | 30 |
| .15 | دعوائن جا بند دروازا | 32 |
| .16 | هڪ ڪميٽي ڇوڪري | 33 |
| .17 | نظم جي موت | 35 |
| .18 | لامڪان جو پنڌ | 37 |
| .19 | تصوف جو جنسي پهلو | 39 |
| .20 | سنگسار | 42 |
| .21 | غير ذميواري | 43 |
| .22 | ڏاهن لاءِ هڪ نظم | 44 |
| .23 | زيادتي ۽ ازالو | 46 |
| .24 | قدرت جو لقاءُ | 48 |
| .25 | ڪن جا پردا | 49 |
| .26 | سارتر | 50 |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| .27 | نيڪيءَ کي روڪڻ | 51 |
| .28 | 28 اپريل | 52 |
| .29 | لا حاصل | 53 |
| .30 | الله ڏتي لاءِ | 54 |
| .31 | واهيات شيءِ | 55 |
| .32 | سار | 56 |
| .33 | پرواهه | 57 |
| .34 | معافي | 58 |
| .35 | ڏيڍيو | 59 |
| .36 | امن | 60 |
| .37 | عشق | 61 |
| .38 | مهرباني سان | 62 |
| .39 | عادت | 63 |
| .40 | تنهنجي ڪري | 64 |
| .41 | لفظن جون معنائون | 65 |
| .42 | ذريعو | 66 |
| .43 | خدا پيو ڏسي | 67 |
| .44 | غلطي | 68 |
| .45 | مختصر ڳالهه | 69 |
| .46 | جدائي | 70 |
| .47 | علاج | 71 |
| .48 | ڪاش | 72 |
| .49 | ضرورت ته ڪهڙي آهي | 73 |
| .50 | خوبصورت | 74 |
| .51 | مان پار آهيان | 75 |
| .52 | ڊيگهه ويڪر | 76 |
| .53 | ناچ | 77 |
| .54 | مرضي | 78 |
| .55 | توکي ياد ڪرڻ جو ڏينهن | 79 |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| .56 | منهنجو ڏوھ ناھي | 80 |
| .57 | سوال | 81 |
| .58 | سماجي پابندي | 82 |
| .59 | منهنجا نظم تو لاءِ آهن | 83 |
| .60 | ذميواري | 84 |
| .61 | منطق | 85 |
| .62 | توهين به پلي ڳوليو | 86 |
| .63 | منهنجي محبوبا | 87 |
| .64 | بي وسي | 89 |
| .65 | درد جو آخري فرمان | 91 |
| .66 | مان اڃان زنده آهيان | 92 |
| .67 | ايئر هوسٽس | 93 |
| .68 | مذاق | 94 |
| .69 | جرم | 95 |
| .70 | تو روڪيو | 96 |
| .71 | ٿورو لکيو گھڻو سمجھندا | 97 |
| .72 | هن نظم کي ڪو نظم نه سمجهي | 99 |
| .73 | تون پريشان نه ٿيندي ڪر | 101 |
| .74 | سڪون | 103 |
| .75 | عورت هٿڻ ڪافي آهي | 104 |
| .76 | هن پار | 105 |
| .77 | مشڪل ۾ نه پئو | 105 |
| .78 | ويلنٽائن ڊي | 108 |
| .79 | نظر جي حد | 109 |
| .80 | مان ٿڪجي پيو آهيان | 110 |
| .81 | نقطو | 111 |
| .82 | اسان کي معاف ڪيو | 112 |
| .83 | شڪست | 114 |
| .84 | ڪل ذات جو ورثو | 115 |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| .85 | هلو هلو | 116 |
| .86 | لا محال | 117 |
| .87 | دريا جي خودڪشي | 118 |
| .88 | عورت ۽ نظم | 119 |
| .89 | هڪ ٿهڪ | 120 |
| .90 | اخبار وارا | 122 |
| .91 | بدصورت ۽ بي ترتيب | 123 |
| .92 | ماٺ | 124 |
| .93 | پرينءَ جي ياد | 125 |
| .94 | الوداعي مسافر | 126 |
| .95 | ڏک ٽيندو | 127 |
| .96 | ڏونگر ڏورن | 128 |
| .97 | ڳوٺ جي شام | 130 |
| .98 | صفا پوڪ بيوقوف | 131 |
| .99 | نئين صنف | 132 |
| .100 | وڏي عورت | 133 |
| .101 | تاريخ جي غلطي | 134 |
| .102 | اڻ ڏٺل گروپ جو مطالبو | 135 |
| .103 | مس "عنبرين" لاءِ | 136 |
| .104 | خدا جي حضور ۾ | 138 |
| .105 | ارب پتيءَ جي سهڻي ڌيءُ | 140 |
| .106 | نظم | 142 |
| .107 | ڪوهه طور | 143 |
| .108 | حصا | 144 |
| .109 | شهر وڪرو ڪيو ويو آهي | 146 |
| .110 | دريا جي ڪناري | 147 |
| .111 | ڏسڻ جي ڪا حد مقرر ڪونهي | 149 |
| .112 | برقي توانائي | 151 |
| .113 | زمانو ڇا ٿو چوي | 152 |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| .114 | مختصر زندگي | 154 |
| .115 | گمنام بيت | 155 |
| .116 | لفظن جي ڊيگهه ويڪر | 157 |
| .117 | انسان ۽ فطرت | 158 |
| .118 | هنگلاج جو مسافر | 160 |
| .119 | تو زندگيءَ ۾ ڏٺو ئي ڇا آهي | 161 |
| .120 | آدم بيزاري | 162 |
| .121 | خيرات | 164 |
| .122 | شديد خواهش | 166 |
| .123 | عورت | 167 |
| .124 | وزنائتي | 168 |
| .124 | سپ نظم تي تا پون | 170 |
| .126 | زندگي ايذاءَ ڏيندڙ آهي | 172 |
| .127 | آدم | 173 |
| .128 | عشق جي معنيٰ | 174 |
| .129 | هڪ اک | 176 |
| .130 | تون مون کي وساري نه ٿي سگهين | 178 |
| .131 | هڪ بي اعتبار ڇوڪريءَ لاءِ | |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران

شاعري، وجد جي موسم جو اهڙو گل آهي جنهن جي خوشبو خاموشيءَ جهڙي خوبصورت ۽ رنگ ڍنگ احساس جي آسمان جهڙو آهي. ستار رند جي شاعري سنڌي شاعري ۾ غصي ۽ عشق جو انوکو تجربو آهي. جنهن کي حيرت ۾ وجهندڙ پنهنجو لهجو ۽ مزاج آهي. اسان جو ادارو شعر توڙي نثر ۾ اهڙي تخليقي تجربن جي مجموعن کي وقت به وقت ڇپائيندو رهندو.

اسان جي اها ڪوشش آهي ته سنڌي ٻولي کي اهڙا ڪتاب ڏيون جيڪي سنڌي ماڻهو جي ادبي مزاج کي Develop به ڪن ۽ Deep به ڪن. اداري پاران ايندڙ ڪتابن ۾ ستار رند جو ناول به ٻيا شاعري جا مجموعا، منير شاهه جي بايو گرافي، لياقت رضوي جي ڪهاڻين جو مجموعو ۽ جامي چانڊيو جا به ڪتاب شامل آهن.

ادارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بند دروازي تي دستڪ

ستار رند سنڌ جو نہ دنيا جو ذهين ماڻهو آهي. منهنجي ان ڳالهہ تي آسانيءَ سان اعتبار ڪرڻ شايد اوهان لاءِ ممڪن نہ هجي، پر ان سان گهڻو فرق نہ ٿو پوي، ڇو تہ ڄاڻڻ جوڳو سچ دراصل اڻپورو سچ هوندو آهي. ڪائنات هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "ماڻهو جي وجدان ۽ فلڪيات جي ڄاڻ ۾ جيڪا ڳالهہ مشترڪ آهي، سا حيرت آهي."
جيئن جيئن اوهين فلڪيات کي ڄاڻيندا ويندؤ تيئن تيئن اوهين حيرت ۾ پوندا ويندؤ جيڪا ڳالهہ پڪو ثبوت هجي ٿي تہ اوهين اڃان فلڪيات جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ نہ ڄاڻيو آهي. ساڳي ڳالهہ ماڻهو جي وجدان تي لاڳو ٿئي ٿي ۽ مان جڏهن اها دعوا ٿو ڪريان تہ ستار، دنيا جو ذهين ماڻهو آهي تہ دراصل اها منهنجي نہ تہ ڪائي اُبهري راءِ آهي ۽ نہ وري دوستيءَ خاطر ڇيل ڪا رواجي ڳالهہ آهي.

مون کي ان ڳالهہ جي بہ تڪڙ ڪونهي تہ مان سندس شاعري جو بهانو بنائي اهو ثابت ڪيان. اهو فيصلو شايد وقت کي ڪرڻو آهي. في الحال تہ مان حيرت مان سوچيان ٿو تہ هيءَ حيرتناڪ حد تائين ذهين ماڻهو، هتي سنڌ ۾ ڪيئن اچي ڦاٿو آهي؟ مان اهو ان ڪري بہ ٿو سوچيان جو مان ڄاڻان ٿو تہ ستار پنهنجي وجدان جي سمنڊ تي چوڏهينءَ جي چنڊ جي لازوال نگاهہ وانگر آهي. هو جڏهن پنهنجي مستيءَ ۾ اچي ڳالهائيندو آهي تہ ڪائنات، نئين ڪپڙي جي تاڪين جيان کلڻ لڳندي آهي. توڻي جو هو پاڻ کي هڪ اينٽرو پالاجسٽ طور ترجيح ڏيندو آهي، پر نفسيات، فلسفي، ادب، شاعري، تاريخ يا مذهب تي هن جي ڄاڻ ۽ نهار جي گرفت بہ ڪمال جي آهي.

منهنجي لاءِ ان کان وڌيڪ مشڪل صورتحال ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، جو مون کي هڪ اهڙي شخص جي شاعري جي ڪتاب لاءِ مهاڳ لکڻو لازمي آهي، جنهن جا نہ رڳو لفظ، شاعري آهن، بلڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس نگاھ، ڳالھائڻ، خاموشي، غصو، بيزاري، ڪلڻ، روئڻ، وڙهڻ، پرچڻ، سڀ شاعري وانگر آهن. جڏهن مان لکڻ لاءِ هن جي شاعري، کي ٿو ڏسان ته اها مون کي "حضرت سليمان جي گيتن" جهڙي الهامي ٿي لڳي. هن جو هر نظم ڪنهن لافاني شيءِ سان مڪالمو آهي. مان سندس هر نثري نظم کي ڪنهن وجد ۾ آيل صوفي جي خود ڪلامي تصور ڪندو آهيان ۽ مون کي خبر آهي ته اها ڳالھ ستار کي ڏکي لڳندي، ڇو ته هو چوندو آهي ته سنڌين خاص طور تي سابق ڪميونسٽن، سنڌ ۾ تصوف سان اهڙي حالت ڪئي آهي جو ڪو ماڻهو، صوفي سڏائيندي سؤ دفعا نه ڪروڙ دفعا سوچيندو.

اهو مان اوهان کي اڳتي هلي ٻڌائيندس ته ستار فڪري طرح پاڻ کي ڇا ٿو سمجهي، پر هو جيئن چئي ٿو:

"مان مريخ جي پار جو ماڻهو"

ته سچ پچ مون کي لڳندو آهي ته هو مريخ جي پار جو ماڻهو زمين جي زخمن تي مرهم لڳائڻ آيو آهي جيڪو خود هڪ انوکي زخم جي زد ۾ آهي. شاعري ان زخم تي چڙهيل ڪرنڊ وانگر آهي.

ستار جي خيال ۾شاعري، خيال ۽ حقيقت جي نازڪ انسوسيئيشن آهي، جنهن کي هو پيار ڀرئي تلخيءَ سان پيش ڪرڻ جو هنر ڄاڻي ٿو. بي انداز غصو ۽ بي پناھ پيار هن جي شاعريءَ جا ٻه ڪنارا آهن. هن کي سمجهڻ لاءِ هن جي تعليم يا ڪنهن ٻي تاريخ جاگرافي کي سمجهڻ جي قطعي ضرورت ڪونهي. هن جي شاعري ئي هن کي سمجهڻ جو دروازو آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪي نوجوان پلو لکن ٿا، انهن ۾ منهنجي خيال ۾ حسن درس، مظهر لغاري يا احمد سولنگي قابل ذڪر آهن. پر ستار انهن کان بنهھ منفرد شاعر آهي. سنڌي شاعري ۾ يقيناً پر گهٽي حد تائين اردو شاعري ۾ به ستار جو ڊڪشن، اسٽائيل ۽ ڪنٽينٽ نئون آهي. اردو نثري شاعري ۾ پوري نظم هڪ ڪهاڻي هوندي آهي ۽ ستار وٽ نظم جي سٽ سٽ ۾ هڪ نئي ڪهاڻي آ. جيئن ناروي جو ليکڪ جوسٽنين گارڊر، فلسفي کي فڪشن ۾ استعمال ڪري ٿو، تيئن ستار، فلسفي کي شاعري ۾ ڪتب آڻي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ شاعري جي انوکي ڇلانگ آهي. منهنجي آڏو سندس شاعري جو مسودو پيو آهي ۽ جي مان چاهيان ته ڪنهن ماهر مهاڳيءَ وانگر هن جي نظمن جا حوالا ڏيئي، اوهان کي قائل ڪري سگهان ٿو ته ستار، سنڌي ادب جو اهو شاعر آهي جنهن ٻوليءَ کي نئون مزاج، شاعريءَ کي انوکو ردم ۽ لفظن کي جديد شاعراڻي ترڪيب ڏني آهي. پر مان ائين ان ڪري به ڪونه ڪندس جو اهو ڪم پڙهندڙ پاڻ ڪري ته بهتر. ٽوٽي جو بي ترتيب نظمن ۾ آيل شاعري کي پڙهڻ لاءِ جنهن سنجيدگيءَ ۽ Vision جي ضرورت آهي. اسان وٽ ان جي کوٽ آهي، پر پوءِ به مان اميد جو ڪنارو ڇونديان ٿو ڇو جو مون کي پڪ آهي ته نثري نظمن جو هيءُ ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ اهم انڪشاف جي حيثيت رکي ٿو.

ستار پنهنجي لکڻ جي شروعات اصل ۾ ڪهاڻي سان ڪئي، پر وقت، سستيءَ، لاپرواهي ۽ پاڻ ۾ انتهائي گهٽ اعتماد هن کي ڪهاڻي لکڻ کان روڪي ورتو. هو گهڻي عرصي تائين پنهنجي ملتوي ڪيل ڪهاڻين جا نوٽس وٺندو رهيو ۽ ائين هڪ ڏينهن هن پنهنجي نوٽس مان نثري نظم جي دريافت ڪئي. تڏهن کان هو لاڳيتو نثري نظم لکي رهيو آهي. هيءُ ڪتاب سندس نظمن جو پهريون ڪتاب آهي. اوهان ان کي پڙهي ڪهڙو به فيصلو ڪيو مان اوهان جي راءِ تي اثر انداز ٿيڻ لاءِ تيار ڪونه آهيان.

منير شاهه
5-1-2001



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دوار دل جا ٻه پوئبا

مان اسپتال جي بستري تي
دوستن جي جبر جي سزا
ڪاٽي رهيو آهيان
دوستن جي خيال ۾
دل جو علاج ممڪن آهي
۽ مان ٺيڪ ٿي ويندس
پيهر زندگيءَ ڏانهن موٽي ايندس
پر انهن کي ڇا خبر
مان پنهنجي ڪمري جي آئيني تي
تنهنجي وڇوڙي جي بدلي
ٻه ڳوڙها رکي آيو آهيان
جيڪي تا قيامت ۽ شايد
قيامت کان پوءِ تائين رکيل ئي هوندا
۽ منهنجي دل جي ٺيڪ ٿيڻ
۽ نه ٿيڻ سان
انهن ڳوڙهن جو ڪو تعلق ڪونهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# درد جو ايذاءُ

درد جي ايذاءُ جي خبر
ڇا ڪنهن کي
مون کان به وڌيڪ آهي؟
مان جيڪو چاهيان ته
ايڏي ايذاءُ جي بدلي
"سچيڏني" جي ناچ کي
نوان گهنگهرو پارائي
نئون ناچ نچائي
سگهان ٿو
پوءِ به مان پنهنجو سوال
دهرايان ٿو
"درد جي ايذاءُ جي خبر
ڇا ڪنهن کي
مون کان به وڌيڪ آهي"
درد جيڪو
منهنجي پاءُ جو موت
۽ منهنجي محبوبا جي
جدائي آهي.

٦ مارچ ١٩٩٦ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان سنو ميزبان ناهيان

سجاڻين وَتوءَ کي ڪونہ ــــ !
۽ هليو آهين
هزار ميل سفر ڪري
مون کان پڇڻ تہ
منهنجي نظمن ۾
سمنڊ، طوائف، آسمان
تاريخ يا چِٽي ڪتي جي
ڇا معنيٰ آهي؟–
دروازو ڪليل اٿئي
۽ مون تي تنهنجو
اهو احسان ٿيندو
جيڪڏهن توکي اهو
ٻڌائڻ جي
مون کي ضرورت نہ پوي
تہ مان
سنو ميزبان ناهيان.

١٢ آگسٽ ٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دل جي ايمرجنسي وارڊ مان

”لقي“ !
مان لفظن جو قادر بہ آهيان
نہ مطلق بہ۔
پر زماني سان
هر وقت اٽڪائڻ ڪان ٿڪو آهيان
گهڻو بيزار ٿيو آهيان
هاڻ چپ ٿو چاهيان
جينوٽيڪ روزگار ذريعي
زندگي گذارڻ وارن لاءِ
اهو ممڪن ناهي۔



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ به مان هاڻ رقص
نه ٿو چاهيان-
منهنجي بلا ڪان
منهنجي نهار سان ڳنڍ
ڪائنات پنهنجي حرف آخر لاءِ
صحرائن ۾ هوءَ جي صدا جيان
ڏڪٽي اوڙهي ٿي
يا نه!؟
مون کي ان ڳالهه سان به
ڪا دلچسپي ناهي ته
تاريخ انڌي ڳڌه جي
چراگاه آهي
يا ڪائي عورت معتبر
ناهي ٿيندي.
نه ئي مون کي
درياءَ جي پنهنجي هٺ تي
بعيت ٿي گهرجي
وقت جي ڊوڙ ۾
ڪنهن هارايو آهي
ڪنهنجي جيت ٿي آهي
مون کي ڪا پرواهه ناهي.
منهنجي طرفان بيشڪ
سيني جي جيت ٿئي
يا بيشڪ سڀ هارائي وڃن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽين تہ خوش رهن
وٽين تہ ڏوڙ پائن—
مون کي تہ بس زندگيءَ جيتري تنهائي
۽ موت جيتري خاموشي ٿي گهرجي.

منهنجو ساهہ پيو پوساٽجي
۽ ايذاءُ
منهنجي سيني ۾
دوزخ جي ايذائن کان
ڀاري آهي
پر منهنجي مٿان هڪ ڊاڪٽر
موبائيل فون کنيو بيٺو آهي
۽ چاهي ٿو:
هنجي پيٽ جي داخلا لاءِ
ڪاليج جي ڊائريڪٽر کي
فون ڪيان
لڳي!
تنهنجي هن دنيا ۾
ذلت جي
ڪا انتها بہ آهي!؟

۴ آگسٽ ٩٦ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فريب جي اننت جو سفر!

مان خود کان نہ چاهڻ
ڪڏهن وچڙي ويو هوس
۽ پر اُميد هيس تہ
وري پاڻ کي ملي نہ سگهندس
پر تو منهنجي نفي ڪري
مون کي ڳولي
منهنجي سامهون اچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيھاريو آھي
تون ڪيڏي خوش آن
پنھنجي ڪاميابيءَ تي جو
تنھنجا نيڻ بہ رقص ۾ آھن
۽ مان چپ آھيان
جو مون کي خبر آھي
رقصِ نامعلوم شھر جي
پوئين پھر جو ڏک آھي
جتان ابتدا اڳ ئي موت سان
گڏ ٻيٺي آھي
۽ منھنجو دوست چئي رھيو آھي
ڏک ۽ رقص جي وچ جو فاصلو
فريب جي اننت جو سفر آھي
۽ مان ھن کي حيرت جي اک سان
ڏسڻ بنان
سوچيان پيو
فريب جي اننت جي ھن سفر ۾
ھن لمحي مان ڪٿي آھيان؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضمانت

ڏوهارين لاءِ
ڪرمنل ايڪٽ ۾
ان کان وڏيڪ خوبصورت ڳالهه
ڪهڙي ٿي سگهي ٿي ته
هن جي ”ضمانت“ ٿئي!“
اها ڳالهه جنهن وڪيل
مون کي ٻڌائي
اُهو خود خدا ڄاڻي ته ڇو
مون کي ”ناقابل ضامن“
ڏوهاري لڳو.

١٨ جولاءِ ٩٦ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شرم ٿو اچي

اسان تنھنجي
دل ۾
جاءِ ولاري
نہ سگھيا سين
سبب گھڻا بہ آھن
پر ناڪامي
ٿئي آھي.
۽ اھڙي ناڪامي
جنھن کي لفظن جي ڪيڏ سان
بدلائيندي بہ
شرم ٿو اچي.

۲۷ آگسٽ ۹٦ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوا جي ڏي

حوا جي ڏي
ڇا ڪا
سمنڊ جي لهر جهڙي ڇوڪري به
ٿي سگهي ٿي ——؟
هن سوال مان ڪو به
غلط مطلب نه وٺي.
هي هڪ اڻ ڄاڻ ماٺهوءَ جو
سچ پچ جو سوال آهي.

۷ نومبر ۹٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان گمنام آهيان

مان گمنام آهيان
پنهنجي ذات جي صدا جي
آمد جي خبر ۾
۽ مقدر جي ڪرڙي اک
مون کي
ڏيڄاري نه ٿي سگهي
زندگيءَ جي خطرناڪ ميدان ۾
بي لغام جهنگي گهوڙي جيان
ڊوڙڻ
منهنجي عادت آهي
جنهن تي پهاڙن جي
خاموشيءَ کي به حيرت آهي
۽ تون پهاڙن جي
خاموشيءَ جي اڌ برابر به
چالاڪ ٿي نه ٿي سگهين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مسافر

سفر تي
نڪتو نہ آهين پر مسافر
اڳتي جو پنڌ ڳرو ٿئي-
ڏاڍو ٿڪائي وجهندئي
ڪنهن ويراني ۾
ساھ بہ ساٿ نہ ڏيندئي
اڳتي جو پنڌ
محبوبا جيئن اٿئي
ڏوڪو جنهن جي
فطرت آهي
اعتبار-
شيشي وانگر ٽڙڪي پوندئي
۽ ان جون ڪرچيون
نيڻن ۾ چپيندئي
۽ نهار بہ رتورت ٿيندئي
پوءِ بہ مسافر ضروي ناهي تہ
توکي منزل بہ ملي
منزل -
جيڪا نئين دور جي پڙهيل عورت آهي
۽ تنهنجي خيالن جي ڪيسي ۾ اڃان
مصري ۽ مساڳ پيو آهي.

۱۸ آگسٽ ۹۶ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لاتعلقي کان لاتعلقي

مان لاتعلقي جي سفر کان بہ
لاتعلق ٿو ٿيان
مان قلم رکان ٿو
۽ پيرن جي لڦن مان
شهر ناهڻ کان
انڪار ٿو ڪريان
هاٿي جنهن کي وٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي دل ۾ خنجر پوکي
۽ مون سان ڳالهائڻ بدران
درياءَ جي سير جهڙي قبر ۾ ستو رهي
تصوف پنهنجي صدا جي نااميديءَ جي
ذهن ۾ مري وڃي
هاڻ جنهن کي وٺي
ننگو ٿي نچي
جنهن ۾ "الله هُو" جي آواز جو پڙاڏو
جهنڪار ٿي پوي
۽ سڀ نيڪ ماڻهو
۽ سڻا ملائڪ پلي مست ٿي وڃن
۽ مون کي به وساري ويهن
پلي هميشه لاءِ وڇڙي وڃن
مان پنهنجي دائمي الوداع جي نهار تي
تيزاب هاري پاڻ کي
اندر تو ڪري ڇڏيان
مان لاتعلقي جي سفر کان به
لاتعلق ٿو ٿيان.

۲۴ نومبر ۹۶ع - سکرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تنهنجي خاطر

مان ڪامياب انسان بڻجڻ لاءِ
ڪيڏو پنهنجي نظرن اڳيان
ڪري پيو آهيان-
ان جو تصور رڳي منهنجي تخيل ۾ آهي.
جنهن لاءِ مون کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي
مان ڪا مافوق الفطري ويڙهه وڙهان پيو
۽ جيئن تہ مان
ازل کان سپهہ سالار آهيان
انڪري ويڙهہ بہ
مون کي ڪٽڻ گهرجي-
پر جڏهن اِنَ ڏوڪي کان نڪري
پنهنجي سامهون
ويڙهہ جي حالت ۾ بيٺل
ماڻهو ڏسان ٿو
تہ ڊڪٽي ۾ ٻڏي مرڻ جو طعنو بہ مون کي
اجايو ۽ بڪواس لڳي ٿو
۽ ڪميٽي پنهنجي ذات لڳي ٿي
×۽ ايڏو ايذاءُ ٿئي ٿو
جو ساهہ ڪٽڻ بہ
وسري وڃي ٿو.

۲۰ آگسٽ ٩٦ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دعوائن جا بند دروازا

دعوائن جا در بند آهن
تخيل ۾ به
آسمان ڇهڻ جي خواهش
نه رهي آهي.
روزاني جيئڻ جو عذاب
نبوت جي بشارت تي
ڀاري آهي.
خدا جڏهن
اڪيلو راند ۾
پڪڙبو ويندو
تڏهن مون کي
يقين آهي
منهنجي قبر کي
دريا پائي چڪو هوندو
۽ منهنجي ڪتبي کي
ڪو به پڙهي ڪونه سگهندو
۽ اُن لاءِ
ڪنهن به ڇوڪريءَ کي
بدنصيب ڪوئي سگهجي ٿو.

٦ سيپٽمبر ٩٦ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ ڪميٽي جوڪري

ازل ختم ٿي چڪو آهي
۽ ابد لاءِ
اسرافيل جي بگل تي
ڦرڙي نڪتي آهي
ڦوڪ ڏيڻ جي قابل ناهي.
تون اوستائين
ڪجهه ڏينهن جو ڪو پروگرام
ترتيب ڏي.
نوان ٻه چار جوڙا سبرائي.
ڪنهن پراڻي عاشق کي
خط لکي ڇڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پاڙي واري لوسي عاشق کي ساڳيءَ طرح
بيشڪ ﭘڻ چئي ڏينهن لاءِ
ٿاري رک
فون واري عاشق کي
هان هونءَ تي راضي رک
هڪ شعر به لک
جنهن ۾ ثابت ڪر ته
هائيءَ جا ڏيڪارڻ وارا ڏند
ڪائڻ وارن کان
مختلف ٿين ٿا-
شام جي نماز کي قضا ٿيڻ کان
لازم بچائڻ جي ڪوشش ڪر
جو تنهنجون ڪجهه ساهيڙيون
دعوت تي اچڻيون آهن-
توکي نماز پڙهندي
ڏسي به سگهن ٿيون
۽ ٻيو ڪجهه به ڪر
جيڪو تنهنجي من ۾ اچي-
پر هڪ ڳالهه جو خيال رکجان
رات جو آئينو نه ڏسجان
۽ باقي ڪجهه ٻچيل راتيون به
ماءُ جي گود ۾ نه سمجهان-

۷ سيپٽمبر ۹۶ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم جي موت ...

نظم منهنجي اندر
راتاهو هٽندي
موت جي هٿان
پڪڙجي پئي ۽
ماري وئي-
ڪنهن گمنام سپاهيءَ جيان
ان ڪي مون ئي
پنهنجي هٿن سان
دفنايو هيو-
پر ڪٿي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وقت مون کي ياد ناهي.
پر ٻڌو آهي ته
انڌي گڏھ تي سوار
هڪ تاريخدان-
هڪ صوفي-
۽ مُئل ماڻهوءَ جي نهار جهڙي
هڪ منطقيءَ کي
ان قبر جي باري ۾ ڄاڻ آهي
ان سان گڏ
اهو به ٻڌو آهي ته
هڪ ڇوڪريءَ کي به
ان نظم جي قبر جي باري ۾ ٿوري خبر آهي
جيڪا پنهنجي روزاني زندگيءَ جي
حساب ڪتاب ۾
ايڏي ته غلطان آهي
جو هن جو لهجو
ڪڏهن ڪڏهن
طوائفن جهڙو
ٿي ويندو آهي.

۲۵ آگسٽ ۹۶ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لامڪان جو پنڌ

مسافر توکي
پنهنجي راهه جي باري ۾
ايتري به ڄاڻ ناهي
جيتري هڪ اگهاڙي رات کي
ڪنواري ڇوڪريءَ جي
خواب جي باري ۾ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون نہ ٿو چاهين تہ
درد جي درياءَ ۾
سمنڊ جي دل
ڪيئن ڳم ٿي آهي؟
تون امڪان جي ڳولا ۾
جيڪڏهن سمجهين ٿو
تہ گهنگهرو ٻڌي
بادلن کي
رتو رت ڪري سگهين ٿو
تہ گهٽو غلط آهين-
منهنجو تولاءِ اها ئي
صلاح ڪافي آهي
تہ واپس موٽي وڃ
۽ پنهنجي گهرجي
اڱڻ ۾ گل پوک-
لامڪان جو پنڌ
تنهنجي وس جي
ڳالهہ ناهي.

١١ آگسٽ ٨١

# تصوف جو جنسي پهلو

شام ٿيڻ کان اڳ
مان توکي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ
نئين ساماٽيل ڇوڪريءَ جي اُميد جي
نٽ لاهڻ لاءِ
تقدير جي ڪنگلي ٻانهيءَ
امير شخص جي ڳولا لاءِ
جنهن پڙوي کي ڇيو آهي
اُهو اُن پر ناڪام ٿيڻ کان پوءِ
ست ڏڪڻي چاقوءَ سان
هڪ انڌي گڏهہ
هڪ تاريخدان
۽ هڪ فلسفيءَ جو خون ڪري
باضابطہ
پنهنجي غنڊہ گرديءَ جو اعلان ڪندو
جنهن کي ائين قبول ڪيو ويندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن صديون کان ڏاڏي جي
پر مُنهن لٺ کي
قبول ڪيو ويو آهي.
شام ٿيڻ کان اڳ-
مان توکي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته
سوالي اک جيڪي هميشه
معنائن جون محتاج رهيون آهن
انهن کي ڪتو ٻلو ڪوٺڻ بر
ڪو عيب ڪونهي
پر جنهن ڇوڪريءَ نما عورت اُن کي
عيب ڪوٺيو
۽ مون کي ائين چوڻ کان منع ڪيو-
اُها منهنجي ننڍپڻ جي ئي محبوبا هئي-
۽ مان هن جو چيو ضرور مڃان هان
جيڪڏهن هوءَ خلا پاڻ کي نه سڏي ها
حالانڪ هن کي اينٽري ڇاڻ به
ڪانه هئي ته
صحرائن "هُو" جون صدائون
ڪهڙي جهنگل مان چورايون آهن؟
۽ ڪاٺي شطرنجي راندیگر تي
ان جا ڪهڙا اثر پيا آهن؟
يا مان بي سبب اينٽري بي بسيءَ جي
ذهن بر ڇو ڦاسي پيو آهيان؟
جنهن مان نڪرڻ جو مون کي ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوق بہ ناهي.
شام ٽيڻ کان اڳ-
مان توکي اهو بہ ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ
جبر کي پنهنجا محرڪات آهن
وقت جي لوهي چاڙيءَ کي ڪابہ گولي
سوراخ نہ ٿي ڪري سگهي-
هن لوسي ڪان جو لاڳيتو گرڻ
بحث آهي
عورت تي اعتبار صرف عاشق
ڪري سگهي ٿو
مقدر جي بند ڀوريءَ ۾
اسان جو پنهنجو ئي لاش پيو آهي
صبح اپرڻ جي نعري بازن کي
نعرا هٽڻ ڏي
خاموشي پرهہ ڦٽي آهي
۽ منطقيءَ کان هٽ جوڙي جان ڇڏائڻ ۾ ئي
تنهنجي نجات آهي
شام ٿيڻ کان اڳ
مون کي پيو گهٽو ڪجهہ بہ
توکي ٻڌائڻو هيو
پر مان اڄ خودڪشي پيو ڪيان
۽ ان کان اڳ چاهيان ٿو-
بند ڪمري ۾ ويهي هڪ سگريٽ پيان
"سائين جي" لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنگسار

نظر حرامي ٻار آهي
جنهن کي پنهنجي جهوليءَ ۾ شاعر
سنگسار ٿيڻ کان
لڪائڻ ٿو چاهي.

۲۵ اپريل ۹٦ع - ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غير ذميداري

انڪار جي شهر جي
ڪوتائي جاري آهي
هن وقت تائين
انڪار جي شهر مان
هڪ دل هڪ خنجر
۽ هڪ آئينو لڌو ويو آهي
خنجر ۽ دل ۾
گهڻي مشابهت آهي
۽ آئيني لاءِ
اجا ڪا رپورٽ لکي
نه وئي آهي
جيڪا غيّر ذميواري آهي.

۲۵ اپريل ۹٦ع - ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڏاهن لاءِ هڪ نظم

خالي هوائن ۾
لفظن جون گوليون پيا هلايو
دنيا ۾ اهڙي
ڪا جنگ ٿي
ڪا نه رهي آ
جيڪا توهان وڙهي رهيا آهيو.
توهان مان
ڪنهن کي به پتو ناهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدر کھڙي غندي جي بدمعاشي
۽ اڇوکو ڏينهن ماضي آ
يا حال آهي؟
توهان مان
ڪنهن کي به پتو ناهي
کھڙي طوائف جي نهار اڳيان
هر آس اميد کي اجهامڻ گهرجي
توهان مان
ڪنهن کي به پتو ناهي ته
نه درد لاءِ نيڻنَ ۾ ڪا حيراني آهي
نه وچوڙي جهڙي صحرا ۾ ڪا ويراني آهي
نه خاموش سار
ڪنهن يار جي آ
نه تڙپ ڪائي
ڪنهن پيار جي آ
محبوبا لفظ به اجائي ڳالھ ٿي وئي آ
پهرين پار جي ماءُ جيان
ننڊڙي پار جي خيال بنا
دنيا اگهور ننڊ ۾ ستي پئي آهي

۸ فيبروري ۹٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زيادتي ۽ ازالو

ڪيترين زيادتين جو
ازالو ٿي
سگهندو آهي
ازالو ڇڙواڳ ٻار آهي
جنهن کي وقتي طور
ريجهائي سگهجي ٿو
جنهن وٽ فطرتي طور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو سمنڊ جو ڪنارو به آهي
جنهن ۾ روز
صبح جو سوير
هو خودڪشي به ڪري ٿو
زيادتي به ڇڙواڳ ازالي جي
پيڻ آهي
پر گهٽي ڇڙواڳ ناهي
۽ نه ئي هن وقت ڪو سمنڊ ڪنارو آهي
ڇڙواڳ ازالي جي مقابلي ۾
زيادتي سياڻي به آهي
پنهنجي گهر ۾ ويٺي
پنهنجي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪي ٿي
(ازالي ۽ زيادتيءَ جي
وچ ۾
پيا به ڪيترائي فرق آهن
جيڪي هتي لکڻ
ضروري ناهن)

۳ مارچ ۹۷ع سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قدرت جو لفاءُ

مون هاڻ عقل جو لفاءُ
ڏسڻ بند ڪيو آهي
خلق اڄڪلهه بي پرواهه ٿي
پنهنجا ڏينهن گذاري
مان اڄڪلهه قدرت جو لفاءُ
ڏسڻ جي ڪم ۾ آهيان
جيڪا مون کي توهان سڀني جي
مخالف نظر اچي پئي
خدا توهان کي پنهنجي
امان ۾ رکي
۽ خدا ڪري منهنجي
نظر غلط ٿئي

۳ مارچ ۹۷ع سکر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪنن جا پردا

مون کي
تنهنجي ديس کان
نڪري وڃڻ جي
ڪيتري جلدي آهي
جيڪڏهن توکي
ٻڌائڻ به چاهيان ته
ٻڌائي نه سگهان.
تنهنجي ديس ۾
ايبنارملٽي تمام گهٽي آهي
ذهانت
ناپيد آهي
ايئن آهي جڻ
سئنما هال جي اسڪرين
خالي آهي
ٿرڊ ڪلاس رو مان
زور زور سان
سيٽيون وڄي رهيون آهن
۽ منهنجي ڪنن جا پردا
ڦاٽڻ تي آهن.

۳ مارچ ۹۷ع سکرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سارتر

سارتر صفا بيوقوف هيو
هر ٻيو ماڻهو
جهنم ڪيئن ٿو بڻجي
جيڪڏهن
هو واقفڪار
ناهي؟

٣ مارچ ٩٧ -سـ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نبيڪيءَ ڪي روڪڻ

اسان ٿي چڱا ماڻهو
اسان ڪي ٿي
برو ڪوٺيو ٿو وڃي
سماج
ڪيڏو چالاڪ آهي
نبيڪيءَ ڪي
روڪڻ جي
پراڻي چال ۾
اڃان تائين
ڪامياب آهي.

٥ مارچ ٩٧ع - سکر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 28 اپريل

۲۸ اپريل سال جي هڪ
ڏينهن کان علاوه
پنهنجي وڇوڙي جو
ڏينهن بہ آهي
ايندڙ سالن ۾ اهو ساڳيو
ڏيهن الاءِ ڪيترا بار ايندو
اها خبر ناهي
البتہ مون ڪي باقي زندگي
ان ڳالهہ تي
افسوس رهندو تہ
پيار بہ مونکي توسان ٿيو؟!
ها ان ڳالهہ تي
سڄي حياتي
پڇتاءُ رهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لاحاصل

اڙي بابا مون توکي
ٻڌايو آهي تہ
تصوف مان توکي
ڪجھہ بہ حاصل
ٿيڻو ڪونهي
تون پنهنجي ڏندي ڏاڙهيءَ جو ڪر
هرو ڀرو ونجھہ وٺي
راند ڪيڏڻ لاءِ
توکي ڪنهن قرآن ڏنو آهي؟

۱ مئي ۹۶ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الله ڏتي لاءِ

تصوف جي
عياشيءَ لاءِ
هاڻ اسان کي
نئون مقبرو به
هٿ اچي ويو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واحيات شيءَ

تو جڏهن منهنجي روش ڪي به
نئون ڊرامو ڪوٺيو ته
مون ڪي پنهنجي تجربي مان
حاصل ٿيل نتيجي تي
اڃان به وڌيڪ يقين آيو
ته عورت
انتهائي واحيات شيءِ آهي

۲۸ اپريل ۹٦ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سار

تون پنهنجي سار ۾
مون وٽ
هميشه اٿاهه سمنڊ
جهڙي
ٿي ايندي آهين

# پرواهه

هوءَ ٿهڪ
نہ ڏيندي آهي
يا ڏئي نہ
سگهندي آهي
ٿهڪ کي
ان ڳالهه جي
جيتري پرواهه آهي
مون کي
زماني جي
ايتري بہ پرواهه ناهي
جيڪا ڳالهه
غلط آهي.

۱ مئي ۹۶



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# معافي

جيڪي ڪجھ ٿيو
اهو منهنجو شعوري نہ
پر فطري رد عمل هو
تون هميشہ معتبر
۽ معزز رهندينءَ
جيڪو ڪجھ مون چيو
ان تي تنهنجي ناراضگي
بي معنيٰ ٿي ويندي
جيڪڏهن توکي ڏورو بہ
احساس ٿي سگھي نہ
ان جو مون ڪيترو
ايذاءُ سٺو،
پوءِ بہ مان معافي گھران ٿو
اُنَ اميد سان
نہ تون پيھر مون کي
ڪڏهن بہ
پنھنجي باري ۾
ڪنھن بہ ڳالھ جي بدلي
”ڊرامو“ نہ چوندينءَ
جيڪو مون کي هوندن بہ
ڪونہ ايندو آهي.

۳ مئي ۱٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊبڊبو

اڪثر ڳوٺن ۾ بجلي
اچي وئي آهي
اڪثر ڳوٺن ۾ ڪتا
نه رهيا آهن
اڪثر ماڻهن ڪان ڪتي جي
ڀونڪ جو ڊبڊبو
وسرندو پيو وڃي.

۱ مئي ۹۶ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# امن

ٻلي تون ڳيرن وارا
ڪارڊ ڇپرائي
۽ ورهاءِ
جيڪڏهن اُن سا
امن قائم ٿي سگهي.

۱ مئي ۹۶ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق

هو پنهنجي ذات جي
عشق ۾
ايترو محو آهي
جو هُن کي اها خبر ئي ناهي
ته هن جي محبوبا
ان ڏک ۾ رهڻ لڳي آهي
ته هُنَ کي
هُن جي پرواهه ئي ناهي.

۱-مئي ۹۶ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهرباني سان

ميرل
پيرل
الڻ
ولڻ
يا پيو ڪوبہ
آسمان ڇهي
موٽي اچي تہ
مهرباني ڪري
مون کي ٻڌائڻ لاءِ
منهنجي دروازي تي
دستڪ نہ ڏئي

۱ مئي ۲۰۱۶ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عادت

خوش رهڻ ماڻهو
سکي نه ٿو سگهي
يا ڪا ڪوشش ئي نه ٿو ڪري؟
حالانڪ خوش رهڻ ڪي
ڏکي ٿيڻ جيان
عادت به بنائي سگهجي ٿي.

۲۵ اپريل ۹۶ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تنهنجي ڪري

مان تنهنجي ڪري
صرف تنهنجي ڪري
زماني جي
سوالن جي جوابن جي
تتل تئي تي
پيو ڪڙهان.
صرف تنهنجي ڪري،
صرف تنهنجي ڪري.

٢٥ اپريل ٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لفظن جون معنائون

تون منهنجي لفظن جي
معنائن کي ڇڏ
منهنجي لفظن جون
معنائون ويران آهن
جتي پنهنجي توڙي پرائي
رڙ جو به ڪو پڙاڏو
نه ٿو اٿي.

٢٥ اپريل ٩٦ع - ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ذريعو

درد ايئر هوسٽس جي
مرڪ جيان
منهنجي روزيءَ جو
ذريعو ناهي.

٢٦ اپريل ٩٩ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خدا ٻيو ڏسي

خدا ٻيو ڏسي ته
مان سچ ٻيو چوان
مون کان سواءِ
سڀ ماڻهو ڪوڙا آهن
سڀ ماڻهو ٺڳ آهن
مون کان سواءِ
سڀ ماڻهو منافق آهن
۽ مون کي به منافقت سکڻ لاءِ
زور پريندڙن ۾
منهنجي محبوبا به آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غلطي

مون ڪيترائي صبح
اپڻ ڪان انڪار ڪندي
۽ ڪيترين راتين کي
وڪرو ٿيندي ڏنو آهي
انصاف
نظريو يا منطق جهڙو
جيڪو بہ دليل ان ڳالهہ جي
نفي ڪرڻ چاهي تہ
مون کي ڪو اعتراض ڪونهي
۽ نہ ئي مان ان ڳالهہ تي
بضد آهيان
تہ جيڪو ڪجھ
مون ڏنو آهي
اهو غلط ناهي

۲۵ اپريل ۹٦ع - ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مختصر ڳالھ

تون مان
ممڪن آهي
خوش زندگي گذاريون
۽ ان جي ابتڙ بہ
ممڪن آهي
مستقبل جي خبر مون کي ناهي
۽ ايتري مختصر ڳالھ
توکي سمجھ ۾
ڇونہ ٿي اچي؟

٢٥ اپريل ٩٦ع - ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جدائي

ان ڳالهہ جي توکي بہ
خبر آهي تہ
ٻيهر ملڻ اسان جو
ممڪن ناهي
اسانجي وچ ۾
موجود ونڍي
خدا ۽ انسان جي
وچ ۾ موجود
وٿيءَ جهڙي
ٿي وئي آهي.

۲۵ اپريل ۹۶ع - ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# علاج

منهنجا نيڻ
تنهنجي وڇوڙي جي
خنجر جي
چير سان
اڌو اڌ آهن
انجيل مقدس ۾
لکيل آهي
”يسوع موتي ايندو!“
پر ڇا هن وٽ
تنهنجي وڇوڙي جي
ايذاءُ جو
ڪو علاج هوندو؟

٢٣- مارچ ٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاش

نظم سمنڊ جي ڪناري
تنهنجي انتظار ۾
مڪمل ٿيڻ ڪان
لنوائي رهي آهي
نظم جي
خواهش آهي ته
ڪاش تون اوچتي
اچي وڃين
۽ نظم جو خوشيءَ سان
اختتام ٿئي
نظم وڇوڙي جي درد تي
روز جي اختتام ڪان
تنگ ٿي پئي آهي.

٢٥ اپريل ٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضرورت ﺑﻪ ڪهڙي آهي

وقت جي
اڳيان بيٺل ماڻهوءَ کي
ڪير ٿو سڃاڻي؟
ڪائنات؟
جنهن جو ڪو انت ناهي
آسمان؟
جيڪو خالي خلا آهي
ذرتي؟
جيڪا خود گمنام آهي.
وقت جي
اڳيان بيٺل ماڻهوءَ کي
سڃاڻڻ جي
ضرورت ﺑﻪ ڪهڙي آهي.
وقت جي
اڳيان بيٺل ماڻهو
خدا ته ناهي.

۲۵ اپريل ۹٦ع - ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خوبصورت

خوبصورت عورت جي
ساهہ جي خوشبوءِ جو نشو بہ
شراب جي نشي جهڙو آهي.
۽ جسم
وچ سمنڊ پر
غيب جي صدا آهي
جنهن پر ڪشش
قدرت ڪان بہ گهڻي آهي.
ان صدا کي
ڪيئن ڪوئہ ورنائي؟
ان صدا ڏانهن
ڪيئن ڪوئہ ڊوڙي؟
ڪيئن ڪو
پنهنجي بي اختياريءَ کي
اختيار بنائي؟
عورت تہ هوندي بہ
موجود لا موجود کان
ماورا آهي.

۲۵ اپريل ۹۶ع - ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان ٻار آهيان

مان ٻار آهيان
۽ وڏي ٽيڻ ڪان
انڪار ڪيان ٿو.
۽ جيڪو منهنجو چڳو
چاهي ٿو
اهو ٻه ٻار ٿئي
جيڪو نه ٿو ٽيڻ چاهي
اهو مون سان
نه ملي

۲۵ اپريل ۱۹۹٦ع - لاڙڪاڻو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏيگهہ ويڪر

تون پنھنجي زندگي گذار
پين ڪي چڏ تہ چا ٺا ڪن.
ماڻھن مان
ڪير صحيح آهي
ڪير غلط آهي
تون ان ڏچي ڪان آجو ٿي
صحيح غلط جي
ڏيگهہ ويڪر ۾ نہ پوءُ

۱ مئي ۹۶ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناچ

منهنجا ڪجهه نظم
تنهنجي وڇڙي وڃڻ جي
خبر ڪان
بي خبر آهن
منهنجا ڪجهه نظم
زماني سان گڏ
ناچ ۾ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مرضي

مان تنهنجي
”مرضي“ جي حڪمراني ۾
ساهه ڪڻندڙ
ڪو جيئامڙو آهيان

۴ مئي ۱۹۹۶ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# توکي ياد ڪرڻ جو ڏينهن

تنهنجو حڪم مون لاءِ
تخليقڪار جي درجي
جي برابر آهي
تنهنجي حڪم جي
انڪار جي جرئت جوگناهه
مون لاءِ ممڪن ناهي.
۽ تنهنجي حڪم مطابق اڄ
توکي ياد ڪرڻ جو
ڏينهن آهي.
اڄ ٢٨ اپريل آهي
پر اڄوڪي ساڳيءَ ڏينهن تي
مون کي ڪنهن عورت سان
نفرت ڪرڻي آهي ۽
اها بہ اينتري
جيترو تو مون کي
چاهيو آهي.

٢٨ اپريل ٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجو ڏوهہ ناهي

تون مونکي ائين نہ گهور
جنهن پر تنهنجي ڇهري تي
اهو بہ تاثر آهي تہ
ان پر منهنجو ئي ڏوهہ آهي
جو اڄ ساڳيءَ هوٽل پر
ساڳيءَ جاءِ واري ٽيبل تي
تون مون سان گڏ نہ پر
ڪنهن ٻئي سان
آئيس ڪريم ڪائي رهي آهين.
تون مون کي ائين نہ گهور
تنهنجي اها گهور
تنهنجي اڄوڪي ڊريس سان
بلڪل ميچ نہ
ڪري رهي آهي.

٢٥ اپريل ٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوال

هي سڀ نيم فلسفي
نيم سياستدان
نيم شاعر ۽ اديب
هي فرد فرد
هي سڀ نيم نيم ماڻهو
هي سڀ
جمع ضرب ڪاٽُو واڌو
هي سڀ بي خبر
هي سڀ باخبر ماڻهو
ڇو آهن؟ ڇالاءِ آهن؟
آهن بہ يا ناهن؟
ناهن تہ ڇو ناهن؟
ڇالاءِ ناهن؟
۽ آهن تہ ڇو آهن؟
ڇا آهن؟

۱ مئي ۹۹ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سماجي پابندي

هر سماج ۾
هر سماج کي
پنهنجي هڪ نظم
هوندي آهي
جنهن جو عنوان
"سماج پابندي" آهي
نظم ۾
وڌيڪ ڇا آهي؟
اُها ڳالهه
تمام گهڻي
غير ضروري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم تولاءِ آهن

منهنجا سڀ نظم
تولاءِ آهن
اُهي به تولاءِ آهن
جيڪي مان اجا لکي
نه سگھيو آهيان
۽ انهن جي ٻولا جو عذاب به
تنهنجي ٻولا جيان
ڀوڳي رهيو آهيان.

۱۲ مارچ ۹۶ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ذميداري

منهنجي ماءُ بہ توجيان
سڄي حياتي ان ڳالھ کان بي خبر
رهندي نہ
مان اهو ناهيان
جيڪو نظر اچان پيو
نہ مون ۾ ڪائي گوڙ آهي
نہ اهي حرڪتون آهن جيڪو مان
ڪيان پيو
ان لاءِ بہ توجيان منهنجي ماءُ
مون کي سمجهائيندي رهندي آهي
۽ چوندي آهي، "هاڻ وڏو ٿيان"
جيڪو مان ڪڏهن ڪونہ ٿيندس
پر منهنجي ماءُ ۽ تو ۾ هڪ فرق آهي
تون چوين ٿي:
"وڏو جي نہ ٿيندين
نہ توکي ڪير پاليندو
ڪير تنهنجا انگل آرا ڪٽندو
مان تہ اها ذميداري کڻي نہ ٿي سگهان"
جڏهن تہ منهنجي ماءُ
اڃين نہ ڪانہ ٿي چوي

١٢ مارچ ١٩٩٦



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منطق

علي بخش
عرف الو
هاڻ ڏوڪريءَ ڪان
زيتون آڻي
ڪونہ ڏيندو
ڇو تہ هو
مري ويو آهي.

۲۵ مارچ ۹۶ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ نہ پيلي وچي
خدا جا نيڪ ڪتا پالي
مڪافات عمل
اڪ جو ڦلو آهي
تصوف ڪوڙ آهي
نظريو چڪلي جو پڙوو آهي
جنهن ۾ بيوفا عورت جي دل
جيتري اوندھ ڀرئل آهي
مان تنها آهيان
جيڪا منهنجي رضا بہ آهي
مان پاڻ کان وڏيڪ
ڪائنات ۾ عشق ڪنهن سان
بہ نہ ٿو ڪيان
محبوبا جي دعوي جي
البتہ مون کي عزت ضرور آهي
جنهن کي جيڪو ڪجھ وڻي
مون لاءِ سوچي
بس صرف مون سان ملڻ جي
ڪو غلطي نہ ڪري.

۱۲ اپريل ۹۹ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجي محبوبا

منهنجي محبوبا
رات جو هڪ وڳي فون تي
مون کي منهنجي خط جو جواب ڏيڻ کان
انڪار تي ڪري
مون کي جواب تي ڏئي ته
هوءَ موٽ ۾ مون کي خط نہ لکندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مان ناراض ٿو ٿيان
پر سچل
ميڪاولي
ايوا ۽ ايني
مون کي ناراض ٿيڻ کان
منع ٿا ڪن
پر هٽلر انهن تي غصو
ٿو ڪري
مون کي هن سڄي منظر تي
ڪا حيرت نه ٿي ٿئي
پر مان سوچيان ٿو
ٻڪوٺ ۾ رهندڙ منهنجي ماءُ کي
ڇا انهي سڄي ڳالهه جي
خبر آهي
ڇا هن کي خبر آهي ته
مان ڪائنات جو آخري جُز
۽ ان جز جو ڪُل
ٿي ويو آهيان؟

٩ مارچ ...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بي وسي

تون وسرين نہ ٿي
مان ڇا ڪيان؟
جڏهن تون شام ٿيندي ئي
منهنجي من ۾
زلزلي جيان ٿي ڏڏين
۽ الله هُو جو ورد
مون کان وساري ٿي ڇڏين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه دوست مون کان ڪو
ڏٺو ٿو ٿئي.
۽ نه ٿي ڪُل جمال سان ڪا عورت
مون کي ٿي وڻي
نه ٻارڙن جا ٽهڪ
اڱڻ جيان
مون کي ٿا موهين
نه ڪو عطر
مون کي معطر ٿو ڪري
شام ٿيندي ٿي
لڳندو آهي اڄهو ٿو ڪل ڪائنات جو
ساهه سوگهو ٿئي
نيڻ مون کي پنهنجا سڪرات ۾ ٿا لڳن
نااميديءَ جي بيوس ماءُ
ٿڄ ٻه بخشي ٿي ڇڏي
روز شام جو منهنجو موت ٿو ٿئي
مان ڇا ڪيان؟
اڄايو ٿي مون کي چوين
تنهنجو ڇيو
نه ٿو مڃان—
تون نه ٿي وسرين ته
مان ڇا ڪيان؟

١١ مارچ ٨٩



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# درد جو آخري فرمان

درد جو آخري فرمان
مون تي
نازل ٿي چڪو آهي
۽ جيڪڏهن درد واسين کي
ان ڳالهه تي اعتراض آهي ته
اُن اعتراض کي
پٿرن ۾ تبديل ڪن
۽ سنگسار ڪرڻ لاءِ
جڳهه مقرر ڪن
مون کي پنهنجي قبر لاءِ به
ڌرتيءَ جي ڪا ضرورت ناهي
منهنجي محبوبا
پنهنجي نيڻن ۾ مون کي
دفنائڻ لاءِ تيار آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان اِڃان زنده آهيان

تون جڏهن سائيڪل هلائڻ
سکي وٺندين،
اوستائين مان
آسمان ڏي نه نهارڻ جي
فيصلي ۾ ترميم ڪري
توکان هڪ خواب ۽ هڪ چمي
گهرڻ بنان
سڇيڏني جي مستيءَ جهڙي
هڪ نظم لکي
ڌرتيءَ جي منڍي پائي
توکي ٻڌائيندس ته مان
اڃان زنده آهيان.

۱۲ مارچ ۹۶ء ...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايئر هوسٽس

گهڻين ڳالهيان جيان
مون کي ان ڳالهه جي به خبر نه هئي
ته ڪا ايئر هوسٽس
سچي مرڪ به مرڪي سگهي ٿي
مون کي ان ڳالهه جي به خبر نه هئي
ته ڪا ايئر هوسٽس
ان ڳالهه جي به ڄاڻ رکي ٿي ته
هن وٽ هڪ جسم
۽ خوبصورت چپ به آهن
گهڻين ڳالهين جيان
مون کي ان ڳالهه جي به خبر نه هئي
ته ڪا ايئر هوسٽس
پيار به ڪري سگهي ٿي
۽ اهو ڄاڻندي به ته ڪو موٽڻو ئي ناهي
پوءِ به هوءَ
اوسيئڙي ۾ رهي سگهي ٿي.

۱۲ مارچ ۹۶ع- لاهور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مذاق

تون خدا جي حڪم جي
پيروي نہ ٿي ڪري سگهين
توکي خوف
هڪ اجايو خوف
اينترو ڏيڄاري ڇڏيو آهي
جنهن کان ڪٿڻ بہ تون
وساري ويٺي آهين
ان کان وڏيڪ
قدرت توسان
ڪهڙي مذاق ڪري
سگهي ٿي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جرم

هو مون تي جرح جا
اُهي ٿي حربا آزمائي پيو
جن کي مون چيچن ۾
منڊي طور پاتي
چيچ ٽڪائي
لاهي ڦٽي ڪري ڇڏيا آهن.

٦ مارچ ٩٦ع - لاهور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تو روڪيو

تو روڪيو تہ
اسان نہ توڙي
خط لکيو
نہ فون ڪئي
نہ ئي ڪو سنيهو
موڪليو
تو روڪيو تہ
اسان نہ ڌرتي ڏي
نہ آسمان ڏي نهاريو
نہ ئي ان وچ جو
ڪو منظر
اکين تي رکيو
تو روڪيو تہ
اسان نہ زندهہ
نہ ئي مُردَن ۾ رهيا سين
نہ ئي ان وچ ۾
پاڻ کي لٽڪائي رکيو سين
تو روڪيو
تہ اسان گمنام ٿي ويا سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽورو لکيو گھٽو سمجھندا

مان نہ ھيڪڙائي جي
بڪواس ۾
پوڻ لاءِ تيار آھيان
۽ نہ ئي منھنجو ڀيائي سان
ڪو واسطو آھي.
مان صرف مان آھيان
۽ جنھن کي اھا ڳالھ
سمجھ ۾ اچي تہ ٺيڪ آھي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# توهين ۾ پلي ٻگوليو

ٻگوليو ٻگوليو خدا کي
۽ جڏهن تڪجي پئو ته
مون کي ٻڌائجو
مان خدا تعاليٰ کي ٻڌائيندس
تنهنجي ٻگولا ۾،
منهنجا دوست تڪجي پيا آهن
هاڻ هنن کي ليپي پوءِ
۽ مون کي يقين آ
خدا تعاليٰ منهنجو چيو
نه موٽائيندو.

١٠ مارچ ٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن نظم کي ڪو نظم سمجهي

تون خلا آهين
تون خلا آهين
تنهنجي اُن دعويٰ تي
مان ٺهڪ ڏيڻ ٿو چاهيان
پر تنهنجو اِيمانُ مون لاءِ
ڪيئن ممڪن آهي؟)
منهنجي وڇڙيل محبوبا
جيڪا مولا مُشڪل ڪشا جي
گهر واريءَ جي هم نام آهي
منهنجي ڇيڄ پر
وڇوڙي جي درد جي
منڍي پارائي
خدا کي پارت ڪري وئي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو خيال رکڻ لاءِ
باقي دنيا کي وسارڻ لازم آهي
مان شيزوفرينڪ آهيان
۽ ان ڳالهه جو
هي نظم سان کو خاص واسطو
مون کي نظر ڪونه پيو اچي.
پوءِ به توکي ان ڳالهه جو
اختيار نه ٿو ڏيڻي سگهجي ته
تون منهنجي وجود جو انڪار ڪرين
انگريزن جي وهم مطابق
تنهنجي ڄم جي تاريخ جو انگ
نياڳو آهي
پر ڪا ڳالهه ڪانهي
تو جنهن ديس ۾
جنم ورتو آهي
ان ديس ۾ ڪوسياڳو
آهي ئي ڪونه
توکي مون سان پيار ڪرڻو پوندو
۽ جي نه
ته "مرضي" لفظ کان سواءِ
تون جيڪو لفظ استعمال
ڪرڻ چاهين
ڪري سگهين ٿي.

۱۰ مارچ ۹۲



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تون پريشان نہ ٿيندي ڪر

مان ويرانين جي اڻ ڪٽ
سفر ۾ آهيان
جيڪو منهنجي وجود ۾
ڄمڻ مهل
پيوند ڪيو ويو هو
تون مون لاءِ
پريشان نہ ٿيندي ڪر
مان پرواهہ جي ڏوهہ ۾
ڪڏهن بہ نہ پڪڙبو ويو آهيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاپرواهي منهنجي ساهه جي
روز جي عمل ۾
موجود رهي ٿي
جيڪا ڪڏهن ڪڏهن
مون کي بيزار ڪرڻ جي
ڪوشش ڪندي آهي نه
مان ڪنهن نه ڪنهن
خوبصورت عورت جي
ڇاتين ۾ پناهه وٺندو آهيان
۽ ان هنر جو مان
ماهر آهيان)
تون مون لاءِ
پريشان نه ٿيندي ڪر
منهنجي موت جو وارو به
ڪائنات ۾
موجود عورتن جي
موت کان پوءِ آهي

١٥ اپريل ٩٦ع - اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سڪون

منهنجي من ۾
ڪيڏو سڪون آهي
ڪائنات منهنجي من جي
سڪون جي نديءَ جي
وهڪ جي آواز تي پنهنجو رقص
وساري ٿي ويهي

۲۹ اپريل ۹۶ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عورت هئڻ ڪافي آهي

تون پنهنجي
هلڪڙائپ جو کهڙو
ازالو
ڪري سگهين ٿي؟
ڇا اُن لاءِ
تنهنجو عورت هئڻ
ڪافي ناهي؟

۲۸ اپريل ۹۶ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن بار

شاعرن
شاعري ڇڏي ڏني اهي
عورتن پيار-
۽ مون اعتبار ڪرڻ
هن بار
جهنگ سان
ويرانيءَ جي رقص جي
راند ۾
ممڪن آهي
مان هارائي ويهان

۱ مئي ۹٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشڪل ۾ نہ پئو

مشڪل ۾ نہ پئو
گهڻو يقين نہ ڏيار
ڪنهن بہ ڳالهہ تي
يا لفظ تي
گهڻو زور نہ ڏي
ڪا ڳالهہ ڪنهن ڪي بہ
آسانيءَ سان
سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي
تہ بيشڪ نہ اچي
تون پريشان نہ ٿي
آسمان ڪي ڪو خطرو ڪونهي
۽ ڌرتي بہ ڪانہ ڏڀندي

۱ مئي ۹۱ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ويلنٽائين ڊي

ڇا لکيو وڃي
۽ ڇا رهايو وڃي؟
لکڻ لاءِ به ڪوڙ ڳالهيون
۽ رهائڻ لاءِ به ڪوڙ ڳالهيون
(ڇڳو اکر پوري ٿا ڪيون)
اکر مقدر آهي
پوري قسمت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگر آيو نہ مقدر جهڙن ڳالهيون

لکيون وينديون

۽ پوري آئي نہ قسمت ٽي

طبع آزمائي ڪئي،

(دوست تون گهڻو اڳهرو نہ ٿي

اسان سڀ حساب ڪتاب

سمجهون ٿا

گهڻي ڇاڻ رکون ٿا)

شام کان پوءِ رات ٿي

ٿيڻي آهي

صبح جي اذان جي ڪا ڳڻتي ڪانهي

زماني جي گهڻن معاملن جيان

اعتماد بہ نيلاميءَ جي واڪ تي آهي.

آدم بيزاري منهنجي فطرت جو

حصو آهي ۽ ان ڳالهہ تي

دلجاءِ ڪر تہ

ڪو زلزلو ڪونہ ايندو

(هاڻ اهڙيون ڳالهيون

ٽڪائي ٿيون وڃن)

نئون موضوع بهرحال بہ

ڇوڪري ٿي ڪانہ ٿي سگهي.

ويلنٽائين ڊي جو تحفو

مان پنهنجي بي عزتي لاءِ

تو وٽ ڪٿي آيو هيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظر جي حد

نظر جي حد
مقرر جي ٿي ۽ وڃي
ته ڇا
آيا حد مقرر سمجهي ويندي؟
منهنجي راءِ کي
گهڻو وزن ڪونهي
۽ مون وٽ رڳو
وجداني ثبوت آهي
جيڪو ڪوئي سڪي جي ٻ
برابر ڪانهي.

١٥ فيبروري ٩٢ع جاڙ شيڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان ٿڪجي پيو آهيان

مان ٿڪجي
پيو آهيان
ٿڪجڻ کان سواءِ
مون وٽ ڪا واٽ بہ ڪانهي
ٿڪبو ٿي رهڻ
۽ زندگيءَ کي مسلسل گهلڻ
زنده رهڻ جو لازم حصو آهي.
۽ پيو اِهو بہ ٿہ
اسان نياڻ وارن مان آهيون
اسان کان نياءُ ۾
ڪير ٿو گوءِ کٽي؟

۱۵ فيبروري ۹۷ع چار شنبه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نقطو

دريا جي ڪناري
ملامتي صوفي
ڇا پيو سوچي؟
ڪهڙي ڏوڙ پيو پائي؟
دريا ڏيرج جي ماءُ آهي
عورت وقت جي ڪُنَ ۾
رقص ڪندي
گم ٿي وئي آهي
هوا تي اڏامندڙ پکي
پنهنجي شڪار جي
تاڙ ۾ آهي
توکي صوفي
هميشه هڪ نقطي
منجهايو آهي
تنهنجي ديس ۾
بي وسي گهٽي آهي
۽ مان ضرورت کان وڌيڪ
بي پرواهه آهيان.

١٦ فيبروري ٩٧ع سکرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان کي معاف ڪيو

ڌوڙ ٿي ويا آهن
شهر وفا
تخيل ۽ نيڪ ڳالهيون
مون کي صبر ۾ رهڻ
ڏنو وڃي
جنهن ۾ سماج جوڻي
پيلو آهي
درد جي ميجتا-
جي ڪجهه لفظن ۾ ٿي
سگهي ها
ته مان لهرون ڳڻڻ جي
ذميداري
سمنڊ تي ڪڏهن به
نه رکان ها
پيار ۾ ماڻا آهن
۽ هِن عمر ۾
ڪهڙا ۽ ڪيئن
ڪنهن جا ماڻا ڪٽون؟
دل صفا
نه ٿي چوي
لڳي ٿي ٿئي.

١٦ فيبروري ٩٧ع چار شهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شڪست

وقت جي راند ۾
شام هارائي وئي ته
مون ٻڌان ڏير
پنهنجي ذات جي ٽڪي لاءِ
شهر جي سڀ ڪان
وڏيڪ خوبصورت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوراهي جي چونڊ ڪئي
ان ڳالهہ تي
ڪنهن کي بہ اعتراض ٿي سگهي ٿو
پر مان "چونڊ" جي مجبوريءَ ڪان
هٿ ڪڍڻ لاءِ بہ
تيار ناهيان
منهنجي زندگيءَ جا فيصلا
قسمت جي حوالي
رهيا آهن
۽ مان قسمت جي هٿان
شڪست کائي
چڪو آهيان
۽ ان ڳالهہ جي خلاف
ڪو ڳالهائڻ ٿو چاهي تہ
ان کي ائين ڪرڻ جي اجازت ڪانهي
مان پنهنجي ذاتي معاملن ۾
مداخلت پسند نہ ڪندو آهيان

١٦ فيبروري ٩٧ع ڄامشورو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪل ذات جو ورثو

ڏک شهر تي ويو آهي
جنهن کان
اسان کي شڪايتون
هونديون
هوندي ٻه
چڻ ڪونه آهن.
اسان جيترا ڏينهن ٻه
زنده آهيون
مستيءَ ۾ رهڻ
ٿا چاهيون
جيڪو اسان جي ڪل ذات جو
ورثو آهي.

۱۵ فيبروري ۹۷ع چار شورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هلو هلو

”هلو هلو“
جتني رڳي توهان پاڻ ۾ هجو
”هلو هلو“
جتني رڳي توهان پاڻ کي
ٻيهر ڏسو
۽ هڪ ٻئي کي
ٻجا ڏيو.

۲۸ فيبروري ۹۷ع- مؤڙان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لا محال

لا محال
لا حاصل جي
حاصل لئي پوي ٿ
ان ڏينهن
تاريخ اڃا ۽
موسم سياري جي هوندي
ان ڏينهن تون
وارن کي ڦڻي ڏيئي
رهي هوندينءَ
ڪنهن جي فون جو
انتظار ڪري رهي هوندينءَ
ان ڏينهن توکي
ڌرتيءَ تي موجود
سيني دريائن جا نالا به
ياد اچي ويندا
۽ تون تصوف کي سمجهڻ جي
منزل کي ماڻي ويندين
ان ڏينهن توکان اِهو پڇڻ
ڏاڍو ڏکيو هوندو-
”پهرين چمي تو
زندگيءَ ۾
ڪنهن کي ڏني هئي؟“

۱۹ فيبروري ۹۷ع سکر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دريا جي خودڪشي

جهنگل جي اداسي جو افواهه
۽ عورت
خدا تعاليٰ جي
پروف جي غلطي آهي
مون کي اڄ
هڪ نظم لکڻو آهي
جنهن ۾ مون کي
سمنڊ تي ختم ٿيندڙ دريا جي
خودڪشيءَ جي راز کان
پردو کڻڻو آهي.
جيتوڻيڪ مان اڄ
مختلف خيالن جي
سٽي ڪمپوزيشن به
نه ڪري رهيو آهيان.
پر مجبوري آهي.

۳ مارچ ۹۷ع سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عورت ۽ نظم

نظم کان عورت جي
رسي وڃڻ کان پوءِ
عورت جي حق ۾
ڪجهه اظهار ڪرڻ
نظم جي مجبوري آهي.
جيڪا دراصل هڪ ڪهاڻي آهي
۽ ڪهاڻي
نظم توڙي عورت کان
مختلف ٿئي ٿي
۽ ان ڳالهه تي ڪو اختلاف ئي
ڪونهي ته
ڪهاڻي هڪ اهڙو گمنام
پيٽ آهي
جتي هر لوڪ گيت جا
پهريان ٻول
هڪ قتل سان
هڪ قبر تي
ختم ٿين ٿا.
جنهن جي اجان ڪا وصف
ايجاد ڪانه ٿي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ ٺمڪ

منهنجو هڪ دوست
هڪ اهڙي ڇوڪري سان
عشق ۾ آهي
جيڪا ناجائز تعلق کي
پنهنجي هڪ مضمون ۾
غلط قرار ڏيئي چڪي آهي
جيڪا سٺي ڳالهه ناهي
پر ان کان سواءِ
هو ڪري به ڇا؟
دريا هن جو دوست ڪونهي
نرم وارن واري ڇوڪري
غُصي مان هن لاءِ
چيگم ڪانه چٻائي پئي.
۽ هڪ وفاقي وزير جي
سهڻي سيڪريٽري
هن جي سريت ڪانهي
ملڪ ۾
امن امان ۽ بيروزگاري جو
مسئلو به ڇون ٿا
ڇگو خاصو آهي.

٢٥ فيبرروري ٩٧ع مورڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اخبار وارا

منهنجا سڀ دوست
هن گهڙيءَ
پنهنجي پنهنجي ڪرت ۾
هوندا-
رات جا اٺ وڄي چڪا آهن
۽ تاريخ ٢٨ فيبروري آهي
(پڪ رڳي خدا کي آهي)
مان نظم جي
رسڻ تي هڪ نظم
لکڻ جي ارادي سان
پنهنجي ڪمري ۾ تنها


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺو آهيان
رنل نظم کي پرچائڻ لاءِ
مناسب لفظ بہ موجود ڪونہ آهن
(شايد ان کي التي بہ چئي سگهجي ٿو)
سمنڊ جي ڇتي ڪتي کي
ٿوٻاري مارڻ واري خبر
اخبارن ۾ ڇپي آهي
پر هڪ دل ۾ سڪل دريا جي مايوسيءَ جي
خبر ڇو نہ ٿي
ڇاپي وڃي؟
سفاڪي شايد گهڻو طرفدار
ٿي پئي آهي
مان ان ڳالھ کان
ڪيئن انڪار ڪيان تہ
تون منهنجي
محبوبا نہ هئينءَ؟
مان توکي
محاورتن بہ
خواب چوڻ لاءِ تيار ناهيان.
۽ توکي
اطلاع ٿو ڏيان تہ
اخبارن وارا
فطرتن بيمان آهن.

٢٨ فيبروري ٩٧ع موزات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بدصورت ۽ بي ترتيب

بدصورت ۽ بي ترتيب
ڪنهن نظم جو عنوان
يا ڪنهن ڇوڪريءَ جي ڇاتي به
ٿي سگهي ٿي
ڪنهن پوڙهي ماڻهوءَ جي
مثل اک جي تصوير
۽ ڪنهن قبر جي اڌوري ڪهاڻي به
ٿي سگهي ٿي
ڪا شام به ٿي سگهي ٿي
تون يا مان به ٿي سگهون ٿا
ان ۾ ڪهڙو ڪمال آهي؟
موجوده زماني ۾
ماپ طور جي جدول گهٽي پراڻي آهي
۽ پاڻ لاءِ
ڦودنا به هميشه ڦربل هوندا
۽ وٽ به هميشه
ڪوتا رهندا.

۲۸ فيبروري ۹۷ع موڙات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماٺ

توکي ماٺ ڇو لڳي آهي؟
اوچتي جي عشق جي ڇرڪ جهڙو
ڇو ٿي ويو آهين؟
تنهنجي هٿن مان
کهڙي ويل چانڊوڪي ڇڏائي وئي آهي؟
حيرت جي اک
کهڙي ڏنگي يار جي گليل سان
زخمي ٿي آهي؟
آر ۽ پار ايڏي لئه ۾ ڇو اچي ويا آهن؟
صبح ايرڻ جي انڪار جي خبر
جهنگ جي باهه کي ڪيئن پئي آهي؟
اڌمي جهڙي تنهنجي اڌ حياتي
چالاڪ هڏڪي ٿي پئي آهي؟
توتي وقت ٿهڪ ڏيئي پيو؟
ڪا ننول ڪري پيو؟
ڪُجھ، ڪجھ نه ڪُجھ
ايڏي ماٺ ڇو ٿي وئي آهي؟

۱ مارچ ۹۷ع موڙان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پرين جي ياد

هر موسم جي
جدا شاعري ٿئي ٿي
جدا لفظ
۽ لهجا ٿين ٿا
هوا کي
پنهنجو روپ آهي
۽ اُن جي پوکي
هميشہ پنهنجي لاپ ۾
پرين جي ياد سان گڏ
گهلي ٿي.
شهر ۽ ڳوٺ ۾ به
سيڪجھ
موسم جي
مرهون منت آهي
ڪائنات جي
تصوير جو
هر رنگ
هڪ نئين موسم آهي.
پر پرين جي ياد
جامد آهي.

١١ مارچ ٩٧ع موڙات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الوداعيٰ ٿي مسافر

مان الوديٰ ٿي سفر جو
مسافر
مون کان ڇا ٿا پڇو تہ
ڪهڙي ديس وڃڻو آهي؟
۽ ڇا ڪرڻو آهي؟
الوداعي ٿي مسافر جو
ڪو ديس ڪونهي
ايتري ڳالهہ
توهان کي ڇو
سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي؟

۲۸ فيبروري ۹۷ع موڙان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏک ٿيندو

ائين جيئن مونکي
ڳوٺ جو
ڪو فرد
ڪنهن بہ سبب بنان
ياد ناهي
ڇا ائين ڳوٺ وارن کي
مان بہ وسري ويو آهيان؟
جي ائين آهي تہ
ڏاڍو ڏک ٿيندو.

١ مارچ ٩٧ع موڙات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏونگر ڏورڻ

تون مسافر
ساهيءَ جي بهاني
گهڻو وبهي
وبو آهين
اتي ڏونگر ڏور
اجايا توڙي سجايا
پنهنجا توڙي پرايا.

١ مارچ ٩٧ع موڙان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻوٽ جي شام

ٻوٽ ۾ شام لهي رهي آهي
مان پنهنجي پيڻ جي پراڻي گهر جي
اڳر ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو آهيان
۽ لهندڙ شام جي افق جي لالاڻ کي
ڏسان پيو
منهنجو بلڪل سامهون
هڪ گهر آهي
جيڪا دراصل شام جي ڳاڙهي گولي کي
لڪايون بيٺو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن گهر جي مون کي
کا سڃاڻپ ڪانهي
هي گهر منهنجي غير موجود عرصي ۾
جوڙايو ويو آهي.
منهنجي دل يا خواب جو
هن گهر سان ڪو تعلق ناهي
ان ڪري شايد
مان چپ چاپ ويٺو
پير پيو لوڏيان
۽ هڪ سگريٽ دکائي
سوچيان پيو:
”عمر کي ڪا بقا ڪانهي“
”هر شي هڪ خاص عرصي تائين آهي“
”ڳوٺ بدلجي ويو آهي.“
”مان پوڙهو ٿي ويو آهيان.“
”وڇوڙو ايذاءُ آهي
۽ اهو طئہ ناهي
تہ وڇوڙو روح آهي يا مادو؟“
مان هن لمحي
مڪمل طور ۽ بلڪل آزاد آهيان.

١ مارچ ٩٧ع موراڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صفا ٿوڪ بيوقوف

منهنجا ڪجھ واقفڪار
صفا ٿوڪ بيوقوف آهن
اصل فارغ آهن
عشق ڪان سواءِ
ٻيو ڪم ڪونہ اٿن
نام نهاد
۽ عشق بہ انقلاب سان
خدايا
لڄي بہ نہ ٿا ٿين

۱ مارچ ۹۷ع موڙاٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئين صنف

مان ناچ جي
نئين صنف ايجاد
ڪيان ٿو
(۽ تنهنجي اها ڪهاڻي
ٻڌڻ جي موڊ ۾ ناهيان تہ
هڪ مسافر
تنهنجي سفر ۾
موجود ٿي ناهي
پوءِ بہ ڪهاڻيءَ ۾ لاڳيتو موجود آهي)
ناچ جي هي
نئين صنف جيڪا بہ
ڇوڪري سگهندي
خواب جيان پنهنجو پاڻ ۾
اٿجي ويندي.
۽ پاڻ کي هميشہ لاءِ
حاصل ٿي پوندي.

۱ مارچ ۹۷ع موڙان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وڏي عورت

توکي صدائين
وڏي عورت ٿيڻ جي
خواهش رهي-
جيئن ٽيليويزن
ڊرامن ۾ بيگمات اچن ٿيون
(انهن مان ڪا به هڪ
توکي سائره
به هڪ مثال سمجهي ٿو
۽ عاصمه جهانگير ته
واقعيءَ ۾ تولاءِ
وڏي عورت آهي

توتي،
(مان سوچيان ٿو
افسوس ته ڪجي
پر ڪيترو ڪجي؟
مقدار جي خبر
نه پئجي رهي آهي

۲ مارچ ۹۷ع موڙات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تاريخ جي غلطي

مان هڪ عام ماڻهو آهيان
مان غلطيءَ سان
يا ها سيڪار
تاريخ ڪي بدلائيندڙ غلطيءَ جي
نشاني ٿي
بيهاريو ويو آهيان
مون کي ماريو ويندو
پر ان کان اڳ
مان تنهنجا ڳل چمڻ جي
خواهش ڪي
ٻه ڳاڙهيون پارائڻ جي
تمنا رکان ٿو
ڪنهن صحرا ۾
چوڏهين چانڊوڪيءَ رات جو
نچڻ به چاهيان ٿو
هڪ ڪوڪ ڪرڻ لاءِ به
دل ۾ خيال آهي
جيڪا آزاد فضا ۾
ٻڌيءَ جيان لڳي
۽ آزاد فضا جي سيني مان
رت ٽيپو ٽيپو ٿي ٽمي
مان عام ماڻهو
اجايو نه ٿو مرڻ گهران

۲ مارچ ۹۷ع موڙات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انڊر گروپ جو مطالبو

اسان مان هر ڪو هارائي ويو آهي
پر آڻ نہ ٿا مڃون
۽ آڻ مڃڻ جي ارادي ڪان ئي
انڪاري آهيون
۽ ان ڪي اسان "انا" ٿا ڪوٺيون
کهڙن پڪشوئن تي اِهو
الزام آهي تہ انهن انا کي
مارائي ڇڏيو آهي؟
انهن جي خلاف عدالت لڳائي وڃي
۽ گلوبو لائيزيشن جي نئين تقاضائن
مطابق اسان کي
ان جي مڪمل ڄاڻ بہ ڏني وڃي
اسين قطعي غير سياسي آهيون
۽ اسان جي
مطالبي تي غور نہ ڪرڻ جي بدلي ۾
اسان خدا تعاليٰ وٽ دانهين بہ
تي سگهيون ٿا تہ اسان کي
انصاف ڏياريو وڃي.

۱۲ مارچ ۹۷ع سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مس "عنبرين" لاءِ

سمجهه ڪٽي
تون ڇوڪري ناهين
۽ مردن سان
گڏ هلي سگهين ٿي
۽ ايئن هڪ ڏينهن
پاڻ کي هلڻ به ڏي
ڪنهن به طرف ۽
ڇا ٿيندو؟
تجربو بهرحال به
نئون هوندو.

۲ مارچ ۹۷ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خدا جي حضور ۾

جڏهن پڇاڻو ٿيندو
عرض ڪرڻ جو حق
يقينن اسان کي به هوندو
اسان عرض ڪنداسين
”يا رب اسان جو
پيدا ٿيڻ ڇا ضروري هيو؟
اسان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي مرضيءَ بنان
پيدا ڪرڻ جو اختيار
توهان کي هيو
پر اسان جو ڏوهه
ڪهڙو هيو؟
ان گهڙيءَ تہ اسان
معصوم بہ هئاسين
۽ رحم جي قابل يقينن هئاسين
پوءِ بہ اسان کي پيدا ڪيو ويو
تہ هاڻ اسان کان
پڇاڻو ٿيا جو؟
۽ ان ثابتيءَ لاءِ اسان جو
پيش ڪيا وڃون تہ
اسان نيڪ هئاسين يا بد؟
يا رب اسان توهان جي اختيار جو
سزا ڀوڳي چڪا آهيون
اسان کي ان جو اجورو ڏيو."

۴ مارچ ۹۷ع سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارب پتيءَ جي سهڻي ڌيءَ

ارب پتيءَ پيءَ جي
سهڻي ڌيءَ جي
سونهن ۾
پيءَ جي پئسن به وڌي
چمڪ آندي آهي.
هن جي هوڏ ۽ لوڏ تي
اسٽاڪ ايڪسچينج ۾
واڌي گهاٽي ٿئي ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي پوليس آفيسر جو پٽ
مٿس کان اُترو وڌيڪ مغرور آهي
پر هي خبر نه آهي
اندروني معاملن جي سيڪريٽريءَ جو پٽ
ايترو آهي
۽ پنهنجي ماءُ کي ڪوڙ ٿو وڃي
شهر ۾ اڄ
مجموعي طور
موضع جو رجحان اربيتي آهي
۽ نيلاميءَ ۾
وڏي وزير جي پٽ جو واڪ
پين سيني کان
وڏو هوندو.

٥ مارچ ٩٧ع سکرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم

نظم اسان جي بدن تي
ٽڏڙا پٺي ڪيرائي
اڄ اسان
ڏاڍا رحمدل ٿي
پيا آهيون
اڄ اسان تي
نزاڪت نزول ٿي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار لئي وڃڻ
جهڙي ڪيفيت آهي
چرئي لڳڻ جو گمان آهي
بي سبب جهڙي خاموشي
اوچتي ئي الاءِ ڪٿان
اسان تي
ڇانئجي وئي آهي.
اڄ اسان کي
روح سوڙو
آسمان تي اڏايو وڃي
يا وڍي
ٽڪرا ٽڪرا ڪيو وڃي
اڄ اسان سهڻي ڇوڪريءَ جي
ڇپن تي
ڪنهن عاشق جيان
مست آهيون

۵ مارچ ۹۷ سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوهه طور

اڄ دوست
تون اڄ نه توکي به
ڪوهه طور جو سير
ڪرايان
اڄ تون به انڌو ٿي
۽ پوءِ
به نه پارنهن ٿيون

۳ مارچ ۸۷ع سکرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حصا

زندگيءَ جا حصا آهن
ڪجهه حصا
غير ضروري ۽ غير معروف آهن
۽ ڪجهه حصا
سڪون جي ڪير جي ندين ۾
ونجهه سان
پيار جون
ٻيڙيون پيون هلن
۽ ڪجهه حصن جي باري ۾
اڃان خبر نه پئي آهي ته
انهن حصن جو
احساس ڇا آهي
يا ڇا ٿي سگهي ٿو؟
ڪٿي اسان لاءِ موجود آهن
يا اڻ واقف ماڻهوءَ جيان
مري ويا آهن.

۲ مارچ ۹۷ع مرزان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شهر وڪرو ڪيو ويو آهي

باطني خواب جي شام جهڙي
اڪ جي خمار تي
شهر ڪي
وڪرو ڪيو ويو آهي.
هاڻ جڏهن شهر ڪي
تنهنجي اصلي جاءِ ڪان
نوان خريدار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاملو ابتدا کان ئي
عڪس آهي
شهر کي رونق کان بہ
منع ڪيو وڃي
اهو انڪشاف اڄ تائين
ڪُو بہ صحافي
نہ ڪري سگهيو آهي تہ
هن جي قسمت بہ
خبر ڳولڻ ني چو لکيو ويو آهي؟
درد منهنجو هميشہ
سٺو موضع رهيو آهي
پر هاڻ درد ني ڳالهائڻ لاءِ
مون وٽ لفظ نہ رهيا آهن
مان شايد درد جي ايذاءَ بہ
مرڻ وارو آهيان

٥ مارچ ٩٧ سکر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دريا جي ڪناري

دريا جي ڪناري
مون ڪي
ساڻ نہ وٺي
وڃڻ وارو
تنهنجو فيصلو
مناسب نہ هيو
مان اُن ڏينهن
سڄو ڏينهن
بور رهيس
۽ چڙيل بہ
۽ شام جو
تو مون ڪي
پرچايو بہ ڪونہ.

١٦ فيبروري ٩٧ع سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏسڻ جي ڪا حد مقرر ڪانهي

وقت اسان جي چوواٽي تي
لنڊيءَ بلا جيان وينو آهي
مان ڪنهن به قاتل جي ڳولا ۾ ناهيان
اميد جي موت تي
مون کي لڳي ٿو
فطرت کي به گهڻو افسوس ٿيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسمان جي چيچ ۾ سمنڊ جي منڊيءَ جي ملهه
منهنجي شاعري آهي
جنهن جي موضوع تون آهين.
"شيخ اياز" خدا کان ڪجهه سٽيون
دعائون به گهربون آهن پر مان
نئين دعا گهرڻ ٿو چاهيان
جنهن لاءِ مون کي پڪ ناهي ته
لفظ پنهنجو توازن برقرار رکي سگهندا
(نتيجي ۾ بدصورت ۽ بي ترتيب
نظم به جڙي سگهن ٿا-
جيڪي وجايل سکون جي لاءِ
ڪابه مدد ڪري نه سگهندا
مان هن جنم ۾ تنهنجي
عبادت ڪونه ڪندس
البته مون سان عشق ڪرڻ جي
خواهش رکندڙ ڇوڪريءَ لاءِ
گذارش آهي ته منهنجا نظم نه پڙهي.

۲ مارچ ۹۷ع موڙات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# برقي توانائي

صبح پٽائي ننڊ مان پاڻ نه اٿيو
تمر فقير
هن کي ننڊ مان جاڳايو ته
پٽائي چيو:
”اوَس مرڻ وارن جو
موت ڪيئن ملتوي ڪرايو وڃي؟
ويهين صدي
ختم ٿيڻ واري آهي
۽ جيڪا به ڇوڪري
ٻارن کي
برقي توانائي جي باري ۾
ڪجھ ٻڌائڻ ٿي چاهي
ان کي ائين ڪرڻ کان
منع ڪيو وڃي
۽ توهر گهر گهر پوکيا وڃن،“
تمر فقير کي
اها ڳالھ سمجھ ۾ نه آئي
مون کي پڪ آهي.

۲۸ فيبروري ۹۷ع موڙ ب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ان جي سرا خود پوکي
اهڙي خواهش جو
اظهار ڪيان لو
جنهن ۾ سمنڊ جي لهرن کي
ناچو ليٽو پوندو
(تون پنهنجي ياد کي
اڄ منهنجي گود ۾
رهڻ ڏي
مان تنهنجي ننڊي پيڻ کان
گهڻو رحم دل آهيان.)

۱۵ فيبروري ۹۷ع جام شورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زمانو ڇا ٿو چوي

وڃائجي وڃڻ لاءِ
رڳي دل هئي
سا وڃائجي وئي آهي
هاڻ اسان
”چوڻين“ ۽ ”پهاڪن“ تي
غور ڪنداسين
اسان جي گهرج مطابق
اسان جي معاوضي جو
بندوبست ڪيو وڃي
اسان کي گُهربل مقدار ۾
صلاح مشورو ڏنو وڃي
۽ جي ممڪن هجي ته
اسان کان وڇڙي وڃڻ وارن کي
معيار به ڏني وڃي
۽ انهن کي چيو وڃي:
”وڇڙڻ لاءِ
زماني ۾ پيا
ڪتنا ڀلا ٿورا هئا؟“

٢٦ فيبروري ٩٧ع چار شورو

# مختصر زندگي

منهنجي مختصر زندگي
گهٽي مختصر هوندي بہ
منهنجي گهرج مطابق
مختصر نہ رهي سگهي
منهنجي زندگيءَ جي
بيزاريءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام ٿي رهي آهي
هوا ۾ صحرائن جي
ڏوڙ سان
جيڪي صدائون اڀرن پيون
ان مان هڪ صدا
نيلام ٿي وڃڻ ٿي چاهي.
اڄهو ٿو گهگهه اونداهيءَ جون
چاڙهون اڀرن
اڄهو ٿي جهنگ جي ويرانيءَ مان
منهنجي تنهائيءَ جي
ناد اڀري
جنگ وڏي لڳڻي آهي
پر توکي ان ڳالهه جو پتو آهي؟
تہ مون لاءِ هار يا جيت
بي معنيٰ لفظ آهن.

۲۴ فيبروري ۹۷ع مورڙاٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گمنام ٻيٽ

تون ڪنهن
گمنام ٻيٽ جو
ذڪر گهڻو ڪانہ
ٻڌي رهي آهين؟
ائين ڪانہ ٿي
محسوس ڪرين تہ
گمنام ٻيٽ
تنهنجي روز جي
زندگيءَ جي ڳالهين جو
حصو ٿي ويو آهي؟
جي ائين آهي تہ
غلط ٿيو
گهڻو غلط ٿيو
پوري يا اڻ پوري نظم سان بہ
جڏهن ائين ٿيندو آهي
تڏهن هڪ اک
۽ هڪ ٽبر جي وچ ۾
ڏار پئجي ويندا آهن.

۱۹ فيبروري ۹۷ع مرڙات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لفظن جي ڊيگهه ويڪر

تون مان يا ڪي به "ءِ پيا"
ان لاءِ خلقيا ويا آهيون ته
خدا جي
عبادت ڪيون
جيڪو ڪو خاص انصاف ڪونهي
هن صديءَ جي
تاريخ ۾ هڪ شخص هٽلر به هيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي محبوبا
ايوابرائون به هئي
گيليءَ خودڪشي ڪئي هئي
۽ اُن عورت
جنهن جو نالو ياد ڪونهي
پر ڇئي سگهجي ٿو ته
ذهين هوندي-
هٽلر جي سيڪريٽري هئي
هٽلر پنهنجي پيءُ جو
جائز يا ناجائز اولاد هيو
ان جو صديءَ تي
ڪهڙو فرق ٿو پوي؟
مان نظمن جي ڏيگهه يا ويڪر کان
صرف اينترو واقف آهيان ته
ان سان خدا کي
ماپي نه ٿو سگهجي.

۲۰ فيبروري ۹۷ع موڙات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انسان ۽ فطرت

انسان
پنهنجي ذات
توڙي اجتماع لاءِ
فطرت جي سونهن سان
انتها جي زيادتي
ڪندو آهي.
ان ڪري گذارش
اها آهي ته
اَنسان اهڙي ڇڙواڳي
ڇڏي ڏي
۽ فطرت ڪي جوابي حملي لاءِ
اڪسائڻ وارن لاءِ
قانون ۾
موت جي سزا جو بل
پاس ڪيو وڃي
۽ مون ڪي جج
مقرر ڪيو وڃي.

٢ مارچ ٩٧ع سکرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هنگلاج جو مسافر

هنگلاج مان هليل مسافر
ڪٿي پهتو آهي؟
۽ ڇا خبر آٿي رهيو آهي؟
محفل ۾ ويٺلن مان
ڪنهن کي ڪا سڌ آهي؟
هنگلاج مان هليل مسافر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھڙي عمر جو اهي؟
ڪتان جو آهي اصل؟
(اگ ۾ ڪير هيو؟)
۽ نياپي جي لاءِ اُن جي
چونڊ ڇو ڪئي وئي آهي؟
۽ ڇا محفل ۾ ڪنهن کي
اِهو به خيال آهي ته
مُسافر منهنجي جيئري اُهو پيغام
مون تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب
ويندو يا نه؟
مون کي گهري ننڊ اچي پئي
۽ مون کي اِها ڄاڻ ڪانهي ته
اِها ننڊ عارضي آهي يا دائمي

٣ مارچ ٩٧ع سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تو زندگيءَ ۾ ڏنو ئي ڇا آهي

تو زندگيءَ ۾ ڏنو ئي ڇا آهي؟
ميٽائين رنگ جي
پٿريلي علائقي ۾ ڄائي آهين
ميٽائين رنگ جي گهر ۾ رهين ٿي
۽ ميٽائين رنگ جا ٻار پڙهائين ٿي
توکي جديد جدول جي
ڪا ڄاڻ ڪانهي
۽ مارئي هاسٽل اڳيان
ڪاڇا وڪڻڻ وارو به اگر چاهي ته
تنهنجي خوابن جي
تعبير به ٻڌائي سگهي ٿو
تون منهنجي محبوبا نه هجين ها
ته پاڻ کي "خلا" سمجهڻ واري
تنهنجي خيال تي
مان ٿهڪ به نه ڏيان هان.

۴ مارچ ۹۷ع مسقط



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آدم بيزاري

بيزاري
اڄوڪي دور ۾
پيغمبري قدم اٿوَ
آدم کي
آدم بہ مڃو
۽ ان کان
الڳ ٿلڳ بہ رهو.

۴ مارچ ۹۷ع سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خيرات

درد جي ڪو خيرات ۾
ڪونہ ٿو وٺي
رڳ رڳ ۾
ٿر جھڙو صحرا پوکجي ويو آھي
ڪو انتظار ڪونھي
جنھن کي ڪنھن نظم جي
عنوان طور رکان
چپ اندر ۾ خنجر جيان
پئي آھي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دريا جي ڪناري ڪي
هميشه بي صبري آهي.
منهنجو دوست منير
گهران آيو آهي
۽ ڪمپيوٽر تي ڪو مضمون پيو پڙهي
هميشه جيان
اڄوڪو ڏينهن به گذري ويو آهي
تنهنجي واپسي جو ڏينهن
ويجهو ايندو پيو وڃي
پر ڇا سن 2005ع تائين
توکي لڳي نه ٿو ته
پاڻ گهٽو پوڙها ٿي وينداسين
۽ اهو به ممڪن آهي ته
اسان ٻنهي مان ڪو
ڪنهن حادثي يا بيماريءَ ۾
مري وڃي
يا وڇوڙي جو اڄوڪو ڏينهن
آخري ٿي پوي
نه پوءِ؟

۴ مارچ ۹۷ع سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شديد خواهش

راند ۾
هارائڻ ڪانسواءِ
مون کي
ڪجهه نہ تو اچي
ڪٿڻ مون سکيو ئي ناهي
ڪوٽ تي
منير شاهہ ڪا نئين ڳالهہ
ٻڌائي رهيو آهي
پر مان هڪ لفظ بہ
ڪونہ پيو ٻڌان
۽ عين ان وقت مون کي
اچي ڏپ ورايو آهي
تہ ڪٿي ڳوٺائي ڇوڪريءَ کي
مون سان
عشق تہ نہ ٿي ويو آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گونگي رهڻ کي
ڪا آسماني معنيٰ ڪانهي
۽ هن وقت منهنجي شديد خواهش آهي
تہ ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل ۾ وينو
سهڻيون عورتون ڏسان
۽ آئيس ڪريم ڪائيندي
ڪنهن چاڪليٽي ڇوڪريءَ سان گڏ
ٺهڪ ڏيان
غير سنجيده ڳالهيون ڪيان
ڪنهن مائيءَ جي اپريل چاتيءَ تي
ڳالهايان ۽ ڳوٺ کي
بلڪل وساري ڇڏيان
۽ سمجهان تہ اتي سڀ خوش آهن

۴ مارچ ۹۷ع سکرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عورت

”عورت ڇا آهي؟“
دوست پڇي ٿو
ڪائنات سڄي تنهنجي
پاڪر ۾ آهي
۽ چوڏيل جي جهوٽن ۾ آهي
تنهنجي دل
جي هن ڪي توسان پيار آهي
۽ جي ايئن ناهي ته
ساڳي پاڪر بوٽ پالشي ٻارن تي لڪيل
ڪنهن شاعر جو
رحم پريو ڪو شعر آهي
جنهن کان بهتر
ماسٽربيشن آهي.

١١ نومبر ٩٦ع. اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وزنائتي

تنهنجي وفا جي ڳالهہ
گهٽي وزنائتي ڪانہ پئي لڳي
تنهنجي تصوفي معرفت بہ
ڪمزور پيو لڳي
۽ اِهو درست آهي تہ هر دريا جي،
آخري سرحد سمنڊ آهي
پر پوءِ بہ توتي عورت هئڻ ناتي
اعتبار ڪرڻ ممڪن ناهي
۽ اِها سڏ مون ڪي آهي تہ
هر محبوبا پنهنجي بيوفائي ڪي
مجبوريءَ جو نان ڏيندي آهي
۽ اِها خبر تولاءِ
صرف باعث افسوس ٿي ٿي سگهي ٿي
تہ ڪو شاعر
پنهنجي مقرر وقت تي
غروب ٿيندڙ شام کان اڳ
پنهنجو اڌورو نظم
پورو نہ ڪري سگهيو.

١٣ مارچ ٩٧ع چار شورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سڀ نظم ٿي تا پون

مان جذهن بہ
اُداس ٿيان ٿو
اِها خبر توکي بہ
پوي ٿي
پر ممڪنات جي
آخري چيڙي تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي خواهش
پنهنجي وچ ۾ ٽڪر ٽيل
وڇوڙي جي
مجبورين کان
هارائي ٿي وڃي
۽ مان شڪست قبول ڪري
پوري آسمان ۽ هڪ آئيني کي
نيڻن تي رکان ٿو
۽ اِهو عمل
منهَنجي آڱرين ۾
اهڙو احساس ٿو پيري
جو جڏهن مان
سفيد ڪاغذ تي
لڪيرون ڪڍان ٿو
سڀ نظم ٿي ٿا پون.

۲ فيبروري ۹۷ع، ڄامشورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زندگي ايذاءُ ڏيندڙ آهي

زندگي گھٽي مشڪل
۽ ايذاءُ ڏيندڙ آهي
پرھ ڦٽي
ٻيڙيءَ جي چڙھي
ايئرھوسٽس جي بدن جو ڇهاءُ
نيرو آسمان
سانجھي
ڇوڪريءَ جو نخرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڪمري ۾ رکيل
مئي جي بوتل
۽ سارو جهان
ڪوئي لٽا وٺڻ
بيزاري وڌندي
پٺي وڃي
۽ ان کي قابوءَ ۾ رکڻ لاءِ
ڏاڍي عذاب مان
گذران پيو
زندگي گهڻي بدصورت آهي
۽ توکي
ضد چڙهي موٽي اچڻ جو
خيال به ڪونه ٿو اچي

۴ مارچ ۹۷ع سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آدم

آدم هميشه کان
بدبودار
۽ ڪريہ جھڙو رهيو آهي
خدا آدم کي
ساڳيو
۽ ڇڪو سوچڻ جي
توفيق ڏئي.

٢ مارچ ٩٧ع سڪرنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق جي معنيٰ

عشق جي معنيٰ
پڇين ٿو پاڳل؟
عشق قلندر
عشق سمنڊ جي لهر جي صبح
عشق ذرڙيءَ جي آخري منزل
ڇوڪريءَ جي ڇاتيءَ جو ڇلڪو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق ٻڍڙيءَ جي ٽرٻل پيڙي
عشق رباب
عشق ڪنوار جو حجاب
عشق گناهہ جو آخري لمحو
عشق ڪارنهن ۾ ماربل وينگس
عشق خاموش شهر جي
قتل ٿيڻ کان اڳ جي صدا
عشق ڪربلائي ماتم
عشق ضد جو فرمان
عشق وسري ويل اذان
عشق ڇوڪريءَ جو اگهاڙو بدن
عشق شطرنجي بازي
(جنهن ۾ اهو طئہ ٿيٽو آهي تہ
ناچڻيءَ کي ڪيترو عرصو
اڃان نچڻو آهي
۽ ڪنهن جي دل ۾ خنجر پوڪڻو آهي؟)
عشق قرآن
عشق رحل
عشق يتائي
عشق روحل
عشق سچل
عشق الست بربڪرم
عشق قالو بلا قلب سين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق پرين جو ناڻو
عشق محبوبا جي پهرين چمي
عشق وڇوڙو
عشق خدا
عشق ازل
عشق ولمر يولد
عشق انڪار
عشق ابد
عشق تراب
عشق ڪيچ ۾ ويٺل ڪال گرل
عشق پراڻو قتل پٽڻ
عشق اسان جي ذات
عشق اسان جي مستي
عشق اسان جو موت
(ءِ افسوس
تون اسان جي قبر تي اچي
قل پڙهي
روئي پوندين)

٦ مارچ ٩٧ع ڄامشورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تون مون کي وساري نہ ٿي سگهين!

توکي بہ پتو آهي
تون مون کي وساري نہ ٿي سگهين
توکي بہ پتو آهي
مون کان سواءِ توکي هاڻ ڪائي شام
مڪمل نہ لڳندي
خدا جي وجود جي مڃتا
اڃان پوري نہ ٿي آهي
تاريخ جي ڳم ٿيل حوالي جهڙا شعر
اڃان شاعرن کي
لکڻا آهن
اڃان درد جي نبيءَ جي گهرج
هن ڌرتيءَ کي آهي
هيرامنڊيءَ جي هوٽلن جي بيرن کي
چرس جام ٿو ملي
اوجاڳيل نيڻن لاءِ خواب عام ٿو ملي
جنهن ۾ هڪ ندي
چناب بہ آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا سمنڊ ۾ ٿي پهچڻ ڪان پهرين
اوچتي جي حادثي ۾ مري وئي آهي
توکي ڏاڍو
اداس ڪري وئي آهي
تون هاڻ سچي حياتي
منهنجي نانءُ جون منڊيون پائيندينءَ ۽ دعائن ۾
خدا کان مون کي گهرندينءَ
پر ائين ڪڏهن به ڪونه ٿيندو
تون ڪائي دعا ميجرائي نه ٿي سگهين
تون مون کي وساري نه ٿي سگهين.

٦ جنوري ٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ بي اعتبار ڇوڪريءَ لاءِ

مان جنهن قبيلي جو آهيان
ان قبيلي ۾ اجان واعدي خلافيءَ لاءِ
ڪو لفظ
ايجاد نہ ٿيو آهي!
نہ ئي منهنجي قبيلي جا ماڻهو
ڪڏهن بي اعتبار ٿيا هوندا
جڏهن ڳالهہ وفا جي ٿي هوندي!!
افسوس تنهنجي بي اعتباري.....
توکي خواب ڏاڍو سستو ۾ مليو!
جنهنجي ساپيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ بہ توتي آشڪار ڪاٿي
اڄ بہ توکي پتو ناهي
اجنبي ديس ۾
جي ڪوئي تو مون کي ياد ڏياري
منهنجو ننڍپڻ ۾ ڪجهہ ڳالهيون
تہ يادون منهنجي من ۾ اڄ بہ
درد جو هڪ نئون صبح ٿيون اڀارين!
تنهنجي نانءُ جا اکر احترام سان ٿا
اُچارين!
پر تو ڪڏهن ڪونہ سمجهيو
درد جي هن ڪهاڻيءَ جو عنوان
درياءَ بہ ٿي پئي سگهيو؟
منهنجي منزل ۾ تنهنجو
ڪو خواب ٿي پئي سگهيو؟
پر هاڻ دوست ٿا توکين
ٿهڪ ڏيئي تنهنجي ذکر بنا
ڦٽ ٿا اکيڙين!
جن جي سڃاڻپ جون
ڪي نشانيون بہ نہ رهيون!
۽ ڪير تنهنجي دروازي تي اچي
دستڪ ڏي؟
ڪير توکي هن پار ڪان ٻيهي سڏي؟
هڪ وار پراڻو ٿي وڃڻ وارو
ڪيئن ٻيهر نئون ٿي پوي؟!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ تنهنجي ديس ۾ نه مون لاءِ
ڪوڙيون افواهون به وڏيون
پتو ناهي مون ڪان
ڪهڙو پاپ ٿيو آهي؟
۽ جي ٿو ڏسان اپ ڪان بيهي
ڪيولين جيڏا ماڻهو
بي ضرر بي ڏوهي!!
ڪيئن چاڻي سگهندا
ڪو اجنبي ڪو مسافر
ڪيئن ٿو چنڊ کي ڏسي؟
ڪيئن ٿو تنهنجي اکين جي
پنهنجي تخيل ۾ تشريح ڪري؟
اکيون جن ۾
تون ڪو اوسيئڙو نه پوکي سگهئين!
۽ زماني جي ٻوليءَ ۾ منهنجي ناڪامي ٿئين!
۽ مان ناڪام جاني
پر توکان اڳ مون ڪڏهن
زندگيءَ ۾
هارايو نه هو!
توکي تنهنجي فتح مبارڪ
پر تنهنجو به نه هم اوست جهڙو چهرو
انڪار جي ذهن ۾ گم ٿي ويو
مون کي به نه پتو پيو
تو وٽ به سچاڻپ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو آئينو نہ هوا!!

عرصو وچ ۾ وڏو گذري ويو آهي
نہ معتبري يا نا معتبري جي کا معنيٰ
رهي.
زماني جو پتو مونکي اڳ بہ ڏاڍو هيو
بي خبريءَ جي مون کي خبر هئي گهٽي
منڊين وانگر
اجنبي شهرن جا رستا رهيا!
رنگ برنگي ڳانيون بہ مون پاتيون
گهٽيون
ناچ ۾ بہ حيرت جي کا حد مقرر
نہ ٿي آهي اجان.
۽ پنهنجي ئي ذات جي اوٽ مان
زماني جون لقائون پيو ڏسان!
توکي تہ رڳو آئن اسٽائين جون
اکيون وٽنديون هيون
پر منهنجي هٿن تي پيو ٿهکي
وقت
اُپاريل پاٽيءَ جيان!!
شايد عالم برزخ جي صدا سان
کوئي انصاف ٿئي
شايد "سچيڏنو" وري نئون ناچ نچي
کنهن کامل يقين ماٺهوءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏو نہ يقين هوندو
ڪڏهن نہ سورج
وري رتو ڇاڻ ٿيندو
۽ زندگيءَ جي ڳالهين جي معنيٰ
رڳي تنهنجي ڳالهہ ناهي
سڄو جهان ڌوڪي تي ويو آهي
ڪنهن تي بہ اعتماد نہ رهيو!
سڀ ڪوڙ تي ويو آهي!!
هي گجر جهڙي ڇوڪري ڪٿي تون
ڏس!
پتو ناهي ڇا ثابت ڪرڻ چاهي!
۽ ڇڳيءَ طرح ٿي ڇاٽي
لاتعلقيءَ ڪانسواءِ
ڪنهن بہ ڳالهہ سان منهنجو
ڪو تعلق ناهي!!
پوءِ بہ پنهنجي پر ۾
ائين ٿي ٿي پڇي:
”برف باري سان گڏ
هميشہ توکي ڪو ياد ٿو اچي!
ڪير ٿو توکي اداس ڪري؟“
۽ مان جنهن قبيلي جو آهيان.
ڪوڙ تنهن ۾
ڏاڍو برو ٿو سمجهيو وڃي!
۽ هوءَ برف جي اڇي اجري چادر تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڻيونس سان
وڏن اکرن ۾
تنهنجو نانءُ لئي لکيي
مون ڏي لئي ڏسي
ڪجهه ڳولڻ لئي لڳي
پر دفن لئيل شهر
هن جي نيڻن ۾ ڪيئن اڀري اچي....؟!!
اجايو پاڻ تي پئي
سختي ڪري!!
اجايو پئي مونکي ڏيک ڏئي
هن کي بہ توسان مون جيان پيار آهي
جنهن جي خبر هاڻي جاني
شايد خدا کي بہ ناهي!!

١٢ فيبروري ٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



موڙاڪ جي ڳمن جي ڇانوَ ڪان وڇڙيل، ستار رند جو روح شاعريءَ جو شڪار ٿيل آهي يا شاعري هن جي گهري نگاهه جي زد ۾ آيل محبت جو ناراض جزيرو آهي؟ اهاڳالهه سمجهڻ لاءِ سندس نثري نظمن کي گهڻيءَ سنجيدگيءَ سان پڙهڻ جي ضرورت آهي.

ستار رند جي تلخ لهجي ۾ به هڪ انوکي نزاڪت آهي. سندس شاعري هڪ انتها جو سفر آهي. جنهن ۾ هن لاءِ هر خوبصورت عورت فقط بيوفا آهي.

هن جي خيال ۾ انوکي اڏام به آهي ته تصور جي لامحدود رمزيت به آهي. هن جي شاعريءَ ۾ گهڻي فلاسافي به آهي ته سادگي به! ستار رند عشق ۽ عقل جي نئين تاريخ لکندي نظر اچي ٿو.

تخليقي تسڪين ۽ لازوال بيچينيءَ سان ڀرپور سندس سمورا نثري نظم سنڌي شاعريءَ ۾ بيشڪ نئين حيرت ۽ هڪ نئين مقام جي حيثيت رکن ٿا.

لياقت رضوي

1 مئي 2001

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com